# هڪ جنرل کي
# ڪيئن هارائي
# سگهجي ٿو!؟

بينظير ڀٽو

ڊاڪٽر منظور قادر



# هڪ جنرل ڪي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو؟

## بينظير ڀٽو

ڊاڪٽر منظور قادر

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سڪن واري سنڌ متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين اڳ ڏونگر سي ڏوريندين.

نئون نياپو


ڪتاب جو نالو: هڪ جنرل کي ڪيئن هارائي سگهجي ٿو؟

ليکڪ: بينظير ڀٽو

سنڌيڪار: ڊاڪٽر منظور قادر

ڪمپوزنگ: رحمان لنڊ

ٽائيٽل ڊزائين: مجاهد ميمڻ

ڇپجڻ جي تاريخ: فيبروري 2008

پيسٽنگ قمرالزمان گهانگهرو

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
سچل ڳوٺ ڪراچي
Cell # 0346-2103811

مُلھ RS: 100/=



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

مان شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو
جي محنت ۽ پورهئي کي
پنهنجي ۽ سنڌ جي مستقبل
بلاول جي نالي سان
منسوب ڪريان ٿو...

**ڊاڪٽر منظور قادر**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آسمان تي چمڪندڙ ستارو

جڏهن مان ننڍڙي هوندي هيس تہ منهنجو والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو مون کي ٻنهي هٿن ۾ کڻي مٿي هوا ۾ اڇلائيندو هو ۽ مان خوشيءَ مان ڪِلي ڪِلي ڪيري تي پوندي هئس. منهنجو بابا پنهنجي سڀني ٻارن سان ڏاڍو پيار ڪندڙ هو. اسان سڀني جي لاءِ هو انتهائي پيار ۽ احترام واري شخصيت رکندڙ هو. ننڍي هوندي کان ئي اسان جون معصوم دليون سندس محبت ۾ گرفتار ٿي چڪيون هيون. ايتري ئي محبت ۽ عقيدت عوام وٽ بہ سندس لاءِ موجود هئي. اهي عام ماڻهو ئي هئا، جن ڀٽو صاحب جي لاءِ پنهنجي جانين جون قربانيون ڏنيون. پنهنجي جسمن تي پيٽرول ۽ گاسليٽ هاري باهہ ڏئي پاڻ کي ساڙي ڇڏيو . اها محبت ۽ عقيدت جي انتها هئي! ماڻهن پنهنجي پُٺن تي ڪوڙا کاڌا. بجلي جا جهٽڪا برداشت ڪيا ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙين ڪهڙين عقوبتن ۽ اذيتن کي مُنهن ڏنا. ڀٽو شهيد جي تقليد ڪندي ڪيترائي عام انسان عظمتن جي بلندين تائين پهتا. ڀٽو شهيد جي شخصيت شاعرن ۽ اديبن کي بہ ايترو ئي متاثر ڪيو جو ڀٽو شهيد جي حوالي سان انهن جون لکڻيون امر ٿي ويون. ان حوالي سان نہ صرف اسان جي تاريخ ۽ ثقافت ۾ واڌارو ايو پر ڀٽو شهيد جي ذات، تاريخ جي هندوري ۾ جهولڻ لڳي. اهڙي عظيم مرتبي واري شخصيت کي ڄاڻڻ ۽ سندس شخصيت جي هر پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ وقت جي ضروت آهي، ڇو تہ سندس وجود پاڪستان جي تاريخ ۾ گڏريل ڇئن ڏهاڪن کان پنهنجا اڻ مٽ نقش ڇڏيندو آيو آهي. ڀٽو شهيد هڪ حضور قسم جو انسان هو. جنهن جي ڇپن تي هميشہ مرڪ جا گلاب ٽڙيل رهندا هئا. مان ڪجهہ وقت اڳ ڪيليفورنيا ۾ سندس هڪ ڪلاس فيلو سان مليس، جيڪو منهنجي بابا سائين کي ارڙهن سالن جي عمر کان وٺي سڃاڻندو هو. بقول تہ ذوالفقار علي ڀٽو جي شخصيت ايتري تہ پرڪشش هئي جو پوري يونيورسٽي سندس مٿان فدا پئي ٿيندي هئي. هڪ تہ سندس قدآور شخصيت، ٻيو خوبصورت چهرو ۽ بلا جي ذهانت، حاضر جوابي. سندس شخصيت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. هو هڪ بهترين مقرر هو. لفظن جي چونڊ ۽ تقرير جو انداز ٻڌندڙن تي جادو جهڙو اثر ڪري ڇڏيندو هو. سندس يادداشت جو بہ ڪو انت نہ هو. خوش پوشاڪيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس سُوٽ برطانيا مان سبجي آمريڪا ايندا هئا.

هن جو تعلق خوشحال گهرائي سان هو. پر سندس روحاني رشتو غريب ۽ مسڪين هارين، مزدورن ۽ ٻي پهچ ماڻهن سان هو. اهو ئي سبب هو جو امير طبقو کانئس خائف رهڻ لڳو هو. واشنگٽن ۾ اردن جي هڪ وزير مون کي ٻڌايو تہ اقوام متحده جي اجلاسن ۾ ڪيل سندس خطاب تاريخ جو حصو آهن ۽ اهي اهڙا خطاب هئا جن سفارتڪارن جي هڪ پوري جنريشن کي متاثر ڪيو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ دنيا جي مختلف ملڪن جي سفارتڪار ڀٽو شهيد جي تقريرن جا وڊيوز ۽ آڊيوز هٿ ڪرڻ جي جستجو ۾ لڳل هوندا هئا تہ جيئن هو ڪجهہ پرائي سگهن.

ڀٽو شهيد تقرير جي حوالي سان اهڙو تہ منفرد ۽ سٺو مقرر هو جو تقرير جي دوران ڪڏهن بہ کيس نوٽس جي ضرورت پيش نہ آئي.

هو دل جي اٿاهہ گهراين سان تقرير ڪندو هو. پنهنجي ٻڌندڙن کي کلائيندو بہ هو تہ رئاريندو بہ. نہ صرف اهو پر ٻڌندڙن جي دلين ۾ اهڙي تہ جوش ۽ جذبي جو طوفان برپا ڪندو هو جو هو پنهنجي زندگيءَ جا ڏک وساري ويهندا هئا ۽ هو هر وقت هڪ عظيم قومي تشڪيل جي لاءِ تيار رهندا هئا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊڪڙچ جو دؤرو ڪيو. ان سلسلي ۾ هو اهڙن ڳوٺن ۽ واهڻن تائين بہ پهتو جتي نہ تہ پڪو رستو هو ۽ نہ ئي بجلي، پاڻ سخت گرمين ۾ جڏهن سج مان باهہ جا شعلا نڪرندا هئا ۽ ڪانو جي اک پٽي نڪرندي هئي ۽ ڪيتريون آنڌيون ۽ طوفان هئا پنهنجو پيغام پهچائيندو رهيو تہ جيئن پاڪستان جي غريب عوام جي تقدير بدلائي سگهجي. سندس پيغام دلين ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏيندو هو. جنهن عوام کي متحرڪ ڪيو ۽ ان ئي وقت سرمائيدارن جي هڪ گروهہ هن خلاف هڪ اتحاد قائم ڪيو. ڀٽو صاحب جو پيغام مساوات انساني يعني سڀئي انسان هڪ جهڙا آهن. سندس پيغام جاگيرداري، سرمائيداري قبائلي نظام جي زنجيرن ۾ جڪڙيل عوام جي لاءِ آزادي جو پيغام هو.

سندس دؤرن ماڻهن جي مئل دلين ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو ۽ قوم کي غفلت ۽ ڪاهلي واري خواب مان جنجهوڙي اٿاريو. سنڌ جي ريگستانن ۽ سرحد جي پهاڙن ۾ قاتلن جو ٽولو مسلسل سندس تعقاقب ۾ رهيو پر هن مرد مجاهد سڀني کي شڪست ڏني. وڏا وڏا فوجي جنرل گوڏن ڀر ڪري پيا. جهڙوڪ ايوب خان ۽ يحي خان جن قسم کاڌو هو تہ ڪنهن بہ قيمت تي اقتدار ڀٽو جي حوالي نہ ڪبو پر عوامي سيلاب کي ڪوبہ جنرل بند ٻڌي نہ سگهيو ۽ عوامي سگهہ سان ڀٽو صاحب اقتدار جي ايوان تائين پهتو!

پنهنجي اقتدار واري دؤر ۾ هن ملڪ کي هڪ متفقہ آئين ڏنو، جنهن ۾ بنيادي انساني حقن جي ضمانت ڏني وئي. 73ع جو آئين هڪ لبرل آئين هو، جنهن جي تحت اقليتن ۽ عورتن کي پارليامينٽ ۾ سيٽون حق ڏنا ويا هئا. صوبن کي خودمختياري ڏني وئي ۽ نظرانداز ڪيل قبائلي اترين علائقن کي وڌڻ ويجهڻ جو موقعو مليو. عورتن کي ماتحت عدالتن، بيوروڪريسي ۽ وزارت خارجہ ۾ ٻهريون ڀيرو مقرر ڪيو ويو، قراقرم هاءِ وي تعمير ٿيو، پورٽ قاسم، ڪامره ڪامپليڪس، هيوي مڪينڪيل ڪامپليڪس، ائٽمي پروگرام ۽ ڪئنسر جي علاج جي لاءِ چئني صوبن ۾ سينٽر قائم ڪيا ويا. غريب ۽ بي پهچ هارين جي ٻارن لاءِ تعليم جا دروازا کوليا ويا. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ هيءَ پاڪستان جو هڪ نئون جنم هو. ڇو تہ پاڪستان دنيا جي اهم ملڪن ۾ شامل ٿي چڪو هو ۽ ڀٽو شهيد جي تدبر اهو سڀ يقيني بڻائي ڇڏيو.

ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحاليءَ جو دؤر شروع ٿيو. تاريخ ۾ قومن جي سونهري دؤر تي زوال جو وقت بہ ايندو آهي، هتي بہ بظاهر پارسا ۽ نيڪ جنرل تاڙ ۾ ويٺو هو، جيڪو اردن ۾ فلسطينين جي قتل عام ۾ بہ شامل رهيو. ان جنرل جي دل ۾ دوکو ۽ اقتدار جي لالچ لڪل هئي. جڏهن سرحد کان ڪيس اشارو مليو تہ هن وفاداري، ادب ۽ احترام جي سمورين اسلامي روايتن کي پيرن هيٺ لتاڙي پنهنجي محسن سان غداري ڪيائين. پيپلزپارٽي جي حڪومت ان شخص ختم ڪئي جيڪو غداري ۽ قتل جهڙي ڪريل حرڪت ڪري ويٺو. سندس ظالماڻي اقتداري دؤر غريب عوام کي چيپاٽي ڇڏيو ۽ ان وقت تائين مسلسل ظلم ڪندو رهيو. جيستائين قدرت سندس جسم کي هوا ۾ باهہ جي شعلي ۾ تبديل نہ ڪيو.

ذوالفقار علي ڀٽو برصغير ۾ موجود صوفين ۽ بزرگن جي مزارن تي حاضري ڀريندو رهيو. اجمير شريف ۾ سندس صحيح اڄ بہ حاضري لڳائڻ واري ڪتاب ۾ موجود آهي. هو داتا صاحب جي مزار تي بہ هميشہ حاضري ڀريندو رهيو. هو حضرت عمر رضہ کي مسلمانن جو وڏو ۽ عادل خليفو سمجهندو هو ۽ اورنگزيب عالمگير کي عظيم مغل بادشاهہ سمجهندو هو. سندس عقيدت سڀني کان وڌيڪ حضرت لال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو تعداد هو. هٿيار بند فوج ۾ الاتي ڪيترا اهڙا ماڻهو آهن. جن پنهنجا داستان پنهنجي خون سان لکيا آهن. تاريخ جا اهڙا ڪردار امر شهيد آهن پر افسوس جو ڊسمبر واري ان تلخ تجربي کانپوءِ موجود فوجين لاءِ اهڙي ڳالهه نٿي ڪري سگهجي.

جڏهن مان ننڍي هوندي هئس ته ان وقت اسان جو گهر پرڏيهي وزير بوگرا جي گهر سان گڏ هوندو هو. مون کي ياد آهي ته هو ان وقت بنگالين سان ٿيندڙ ظلم تي ڏاڍو ڪڙهندو هو. جڏهن بنگالين کي نفرت وچان بنگو چيو ويندو هو. هڪ قسم جي بدمزگي پيدا ٿي پوندي هئي. بنگالين جي اڪثريت هجڻ جي باوجود کين نمائندگي نه ڏني وئي. اولهه پاڪستان جي صوبن کي ون يونٽ جو نالو ڏئي ننڍين قومن جي وچ ۾ احساس محرومي پيدا ڪئي وئي. سمورو پئسو ملڪ جي مغربي حصي وٽ هو ۽ مغربي پاڪستان کي بينڪن کان قرض کڻڻ ۽ ڪاروبار جا موقعا ميسر هئا. پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ بنگالي زبان صورتحال کي وڌيڪ سنگين ڪري ڇڏيو هو. بنگالين جي لاءِ اردو ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو هو ۽ ان جي آڙ ۾ کين انتظامي عهدن کان محروم رکيو ويو. بنگالي رهنما ۽ وزيراعظم سهروردي کي ڪرپشن جي الزامن تحت نااهل قرار ڏيڻ کانپوءِ بنگالي وڌيڪ دل شڪسته ٿي پيا. انهن ان کي عدالتي زيادتي قرار ڏنو ان کانپوءِ سياسي اقتصادي. سماجي ۽ عدالتي. مطلب ته هر قسم جي ڏاڍاين ۽ محرومين جو سلسلو جاري رهيو. اسلام آباد اڄ به پنهنجي ساڳي روش تي قائم آهي ۽ بنگالين کان اهو پڇڻ به گوارا نٿو ڪيو وڃي ته آخر اسان کان غلطي ڪهڙي ٿي.

ڪجهه پاڪستانين جو خيال آهي ته مارچ 1971ع ۾ شروع ٿيڻ واري ڪريڪ ڊائون جي ذريعي عليحدگيءَ کي روڪي سگهجي پيو. جنرل ٽڪا خان هٿياربند عام بغاوت کي ڪاميابي سان ختم ڪيو پر ان جي واپسي کانپوءِ حالتون ڪنٽرول ۾ نه اچي سگهيون. آڪٽوبر 1971ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو اولهه پاڪستان جو ليڊر هو. جنهن مسئلي جي حل لاءِ زور ڏنو پر سندس مطالبي کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ۾ جڏهن ڍاڪا ٻري رهيو هو. تڏهن ڀٽي صاحب کي چيو ويو ته هو نيويارڪ وڃي ۽ چين کي فوجي سياسي مداخلت لاءِ راضي ڪري. ڀٽي صاحب جي وڃڻ شرط مشرقي ڪمان شڪست تسليم ڪري ورتي. جڏهن اهو فيصلو واپس ورتو ويو هو پر پاڪستان تي ان جي دوستن جو اعتماد ختم ٿي چڪو هو. اقوام متحده ۾ مان ان وقت پنهنجي والد سان گڏ هئس. ان عالمي تنظيم جي رويي تي سخت تنقيد ڪئي ۽ چيو ته "هن وقت عدم مداخلت واري پاليسي غلط قدم آهي" عالمي برادري جي طرفان ڍاڪا ۾ جنگ بند ٿيڻ کانپوءِ مسئلي جو مذاڪراتي حل ڪڍڻ واري انڪار تي هُن پنهنجا نوٽس ڦاڙي ڇڏيا ۽ احتجاجي واڪ آئوٽ ڪري آيو.

جڏهن ڀٽو صاحب وزيراعظم ٿيو ته هن بنگالي رهنما کي ڦاسي ڏيڻ واري مطالبي باوجود کيس جيل مان آزاد ڪري ڇڏيو. هن پاڪستان کي بچائڻ لاءِ هڪ آخري ڪوشش ڪئي. اها گفتگو ٽيپ ڪئي وئي هئي ۽ اها ٽيپ هن وقت موجود هجڻ گهرجي. مجيب الرحمان ذاتي طور تي ڪوشش ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو پر پوءِ هن پيغام موڪليو ته هاڻ اهو سڀ ناممڪن آهي، ڇو ته تمام گهڻو رت وهي چڪو آهي. مجيب الرحمان جي طرفان جنگي ڏوهن وارا ڪيس هلائڻ جي مطالبي جو سبب به اهو ئي هو. وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي سياسي مهارت جي ذريعي ڀارت ۽ بنگلاديش کي ان مطالبي تان هٿ کڻڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو صرف جرنيلن جي بنسبت معصوم فوجين ۽ آفيسرن کي بچائڻ خاطر ڪيو. وزيراعظم ڀٽو 90 هزار جنگي قيدين کي عزت ۽ جنگي ڏوهن واري ٽربيونلز جي اڳيان آٽڻ کان بغير واپس پاڪستان وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ويو. ظلم ته اهو آهي جو جيڪو شخص کين بيعزتي کان بچائي وٺي آيو هو ان کي موت کان بچائڻ لاءِ انڪاري ٿي بيٺا. ڀٽو کين قيدين واري ڪئمپن کان واپس وٺي آيو ۽ هنن ڀٽو خاندان جي هر فرد کي جيلن ۾ بند ڪري ڇڏيو.

ظلم جي انتها اها آهي جو جنهن شخص نجات ڏياري ۽ بدناميءَ کان بچايو ان کي تباهيءَ جو ذميوار قرار ڏنو ويو، اهو عمل به حقيقت کي تسليم نه ڪرڻ واري سياست جو اظهار آهي. تقريبن ٽن ڏهاڪن ڪانپوءِ به جرنيل پنهنجي ذميواري ۽ ڪردار کي قبول ڪرڻ کان انڪاري آهن.

ڀٽي صاحب کي قتل ڪرڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پهريان ايجنسين جي ماڻهن سندس رهائشگاهه تي ڇاپا هنيا ۽ حمود الرحمان ڪميشن واري رپورٽ پنهنجي قبضي ۾ ڪيائون. اها خبر پوءِ پئي ته ان رپورٽ ۾ ترميم ڪرڻ لاءِ مٿس زور ڀرينو ۽ انڪار تي مٿس تمام گهڻو تشدد ڪيو ويو. جنهن ڪري کيس جسم تي شديد قسم جا زخم ٿي پيا، کيس مقرر وقت کان به ڪلاڪ پهريان اسٽريچر تي ليٽائي ڦاهيءَ جي تختي تي پهچايو ويو

ٻاهريون حالتون ۽ اندروني معروضي حالتون ۽ عوامل ذهن ۾ رکي نهايت احتياط ۽ گهري تجزئي ڪانپوءِ ئي خارجه پاليسي مرتب ڪئي ويندي آهي. هر قوم عالمي سطح تي پنهنجي مفاد جي حصول جي تلاش ۾ هوندي آهي ۽ صحيح توازن جي حصول ڪانپوءِ ئي ڪو فيصلو ڪيو ويندو آهي. 1971ع ۾ اهڙي ڪا به متوازن پاليسي موجود نه هئي.

هڪ اندازي تحت هندستان کان جنگ کٽڻ وارو جرنيلن جو خيال تمام وڏي غلطي هئي، جڏهن اسان جا 90 هزار فوجي هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هئا. ان وقت انهن کي مسئلي جو حل تلاش ڪرڻو هو. هنن ٻيو رستو اختيار ڪيو هئو ته اپرندي محاذ تي جنگي نقصان کي اولهه واري محاذ تي دشمن علائقا فتح ڪري پورو ڪيو ويندو. مشرقي پاڪستان کي هوندڻ گهٽ فائدي وارو سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن ان وقت واقعي اها سوچ هئي ته پوءِ اها هڪ خطرناڪ صورتحال هئي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهڙي قسم جي راند وري به ڪيڏي سگهجي ٿي ۽ هن ڀيري ڪشمير ۾ حڪمت عمليءَ جي فائدي لاءِ سنڌ ۽ رحيم يارخان وارن علائقن کي جنگي نقصان جي نذر ڪري سگهجي ٿو. وزيراعظم جي حيثيت ۾ مون جڏهن به جي ايڇ ڪيو جو دؤرو ڪيو ته مون کي اهڙي قسم جو تاثر مليو.

ڍاڪا وارو سانحو تاريخ ۾ گم ٿيڻ جي باوجود اتي تيل قتل عام وارو الزام پاڪستان مٿان لڳندو رهندو ۽ اها ڳالهه ملڪ جي لاءِ ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي.

1988ع ۾ جڏهن مان وزيراعظم ٿيس ته ان کان پهريان مون کي ٻڌايو ويو ته ضياءَ دؤر ۾ ٿيل قتل عام جي جاچ ڪرائڻ جي سلسلي ۾ فوج جو مورال متاثر ٿيندو. مون ماضيءَ کي وساري ڇڏيو پر ماضي ڪڏهن به انسان جي پٺ نٿو ڇڏي.

ڍاڪا واري سانحي کان ٿورو عرصو پوءِ بلوچستان ۾ بغاوت شروع ٿي وئي. بلوچ سردار عطاءُ الله خان مينگل جي پٽ کي اغوا ڪري قتل ڪيو ويو ۽ ٺٽي واري پاسي ڪٿي دفن ڪيو ويو. هڪ برگيڊيئر جنهن کي پوءِ ضياءَ جي دؤر ۾ ڪنهن ڪارپوريشن جو چيئرمين ڪيو ويو هو. اهو ئي ذاتي طور ان واردات جو ذميوار هو. ان وقت بغاوت کي ڪچلڻ ۾ مصروف باقي فوج جي مورال کي بچائڻ لاءِ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملي جي جاچ ڪي ئي دٻايو ويو.

80ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌين جي طرفان بہ قتل عام جا الزام لڳايا ويا. ڪيترائي پيرا پرامن ۽ هٿين خالي مظاهرين تي فائرنگ ڪئي وئي. 1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ صغير نالي هڪ برگيڊيئر، جنرل ضياء جي دؤري وقت، احتجاجي مظاهرو ڪندڙن جي مٿان فائرنگ جو حڪم ڏنو، جنهن ۾ 275 سنڌي نوجوان بيگناهہ مارجي ويا. هاڻي ان برگيڊيئر صغير کي هڪ سنڌي وزيراعظم کي عدالت ذريعي ختم ڪرائڻ جو ڪم ڏنو ويو آهي. 90ع واري ڏهاڪي ۾ ڪيترن ئي مخالف ڌر جي پارليامينٽرين کي رات وچ ۾ ڪنپيو ويو ۽ وفاداري بدلائڻ جي لاءِ مجبور ڪيو ويو. اهڙي قسم جو بي رحمانہ سلوڪ روا رکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ حمودالرحمان ڪميشن رپورٽ جنهن ۾ واقعي ماضي جي مختلف پهلوئن تان پردو کنيو ويو آهي. ان کان بہ اڄ تائين ڪو سبق حاصل نہ ڪيو ويو آهي. انهن الزامن جي تحقيق جي لاءِ سچائي ۽ صلح صفائي واري ڪميشن يعني Truth and Reconcilliation Commission جي قيام لاءِ آواز اٿاريو پيو وڃي. جيڪڏهن هي الزام ثابت ٿي وڃن تہ پوءِ ان جي ذميوار ۽ ملوث ماڻهن کي گهرجي تہ هو پنهنجون غلطيون ۽ ڏاڍايون تسليم ڪن ۽ متاثر ٿيندڙ ڌرين کان معافي وٺن، ڪجهہ ٻين گروپن جي طرفان بہ اهڙي قسم جا الزام سامهون آيا آهن ۽ مسلسل اڳريون ڪڇي رهيون آهن.

مسلمانن کي اهو سيکاريو ويندو آهي تہ الله پاڪ رحم ڪرڻ وارو آهي ۽ هو معاف ڪرڻ وارو آهي پر ان جي باوجود بہ ماڻهو پنهنجي غلطيءَ تي پشيمان ٿيڻ ۽ معافي وٺڻ کان لهرائن ٿا! جيڪڏهن اسان رحمدليءَ جو مظاهرو ڪريون تہ شايد پنجاهہ سالن جا پراڻا زخم ڀرجڻ ۾ دير نہ لڳندي.انهن زخمن ۾ هڪ معصوم ۽ بيگناهہ وزيراعظم جي قتل جو زخم بہ تازو آهي. پاڪستان جي ائٽمي پروگرام جو باني، اهو شخص جنهن پاڪستان کي وڏيڪ لتجڻ ۽ قرجڻ کان بچايو. ان کي ڦاهي ڏني وئي. جڏهن تہ سپريم ڪورٽ جي سيني ججن گڏجي جنرل ضياء کي فيصلو بدلائڻ جي استدعا پڻ ڪئي. حمود الرحمان ڪميشن رپورٽ سامهون اچڻ سان بنگلاديش ۾ بہ هڪ قسم جي هلچل پيدا ٿي وئي آهي. جتي مجيب الرحمان شيخ جي ڌيءَ جي حڪومت آهي. بنگلاديش ان رپورٽ جي نقل ڪاپيءَ جي گهر ڪئي آهي. هاڻ پاڪستان کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ هو ان مطالبي جو ڇا جواب ڏئي! پر هڪ حقيقت جيڪا واضح آهي تہ جيستائين قتل عام جا ملزم پنهنجي ان فعل تي ندامت محسوس نٿا ڪن ۽ معافي نٿا گهرن. ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ وڏو مسئلو زندهہ رهندو. ڏکڻ ايشيا يقينن بهتر مستقبل جو مستحق آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو يقين آهي تہ حڪومت اهو چاهي پئي تہ جج مون واري ڪيس ۾ ناانصافي ڪان ڪم وٺن. اها وڏي ڏک جي ڳالهہ آهي تہ ملڪ جي قانون واري وزير منهنجو ڪيس پنهنجي هٿ ۾ رکيو. احتساب وارو وزير ججن کي پاڻ فيصلو لکرائي رهيو هو ۽ (مون کي سزا ڏيارڻ لاءِ) انهن سان جهيڙي رهيو هو. لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس صاحب ڪيس جي ٻڌڻيءَ واري جج کي ڌمڪائي رهيو هو ۽ اهو چئي رهيو هو تہ (انصاف کي ڇڏي ڏي) نہ تہ تون پاڻ اندر ٿي ويندين.

اها دکدائڪ ڪهاڻي. انصاف جي ڪهاڻي آهي. جنهن کي هڪ اهڙي عورت جي لاءِ قتل ڪيو پئي ويو. جيڪا ملڪ جي وزيراعظم رهي چڪي هئي پر اها ڪهاڻي انصاف سان کيل ان ڏاڍ کان گهٽ پري هئي، جيڪا پهريون ڀيرو ظاهر ٿي هئي، هيءَ افسوسناڪ ۽ المناڪ ڪهاڻي وزيراعظم سهروردي کي سزا ٻڌائڻ سان شروع ٿي ۽ ان جو انجام وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏيڻ تي دنگ ٿيو. سندس مٿان هڪ اهڙي شخص کي قتل ڪرائڻ جو الزام هو جيڪو اڄ بہ زنده آهي.

وزيراعظم جي حق ۾ شاهدين جيڪي معزز ۽ ناليوارن قانوندانن جي طرفان ظاهر ٿيون آهن، جيڪي دنيا جي ٽن براعظمن سان تعلق رکن ٿا، هنن ڪيس جي سماعت ڪرڻ واري عدالت جي فيصلي جو ڏاڍي غور سان اڀياس ڪيو ان ڪيس جو مواد پهريان پريس ۾ ڇپائي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، ان سموري مواد جو اڀياس ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ معاملي ۾ ثبوت پيش ڪرڻ وارن اصولن جي روشني ۾ هن تجزئي ڪانپوءِ هيءَ راءِ ڏني تہ هن مواد مطابق تہ فرد جرم جي تياري بہ ڏکي آهي، پوءِ ڪيس جي آزاد ۽ انصاف تي ٻڌل ماحول ۾ ٻڌڻي نہ ٿي ۽ وري مدعي دليلن جي بنياد تي بيگناهہ ثابت ٿيا.

گذريل حڪومت ماڻهن جي جيڪا ڳالهہ ٻولهہ ٽيپ ڪئي، ان کي ٻڌڻ ڪانپوءِ بين الاقوامي قانوندانن جي ڏنل راءِ جي توثيق ٿئي ٿي، انهن قانوندانن ۾ جيڪي آمريڪا ۽ برطانيا سان تعلق رکن ٿا، ٻہ اڳوڻا چيف جسٽس، برطانيا جو هڪ اڳوڻو اٽارني جنرل. پاڪسان سپريم ڪورٽ جو هڪ جج ۽ آمريڪا ۽ برطانيا جي هڪ مشهور قانوني فرم جا ماڻهو شامل آهن. سچائي سان منهن مقابل ٿيڻ چڻ تہ (جن کي سزائون ٻڌايون ويون هيون) انهن جي آزادي جو ثبوت آهي پر انهن ماڻهن کي جيڪا تڪليف پهتي آهي. جنهن اذيت مان هو گذري رهيا آهن ان ڏک ۽ اذيت جو اهو درمان تہ ناهي. هيءَ شفاف احتساب جو دؤر آهي. انسان ذهني تڪليف برداشت ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن ان ڪانپوءِ ڪو صاف شفاف ۽ انصاف ڀريو عمل ٿيندو نظر اچي.

پاڪستان جي عدليا ۾ جيڪا ڪرپشن ظاهر ٿي آهي، ان سان عدليا جي اداري کي چڱ هاڻ اهو موقعو مليو آهي تہ هو پنهنجو وقار بحال ڪري. ان مقصد لاءِ انهن ڪرپٽ ججن جي خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي، جن جو ان معاملي سان تعلق آهي. ان سان ملڪ (پاڪستان) کي بہ اهو موقعو مليو آهي تہ هو پنهنجي ادارن جي نئين سر تعمير ڪري، جنهن جي ايڪويهين صدي ۾ ضرورت آهي.

اڳوڻي وزير داخلا ۽ اڳوڻي چيف جسٽس آف پاڪستان اهو تسليم ڪيو آهي تہ اڳوڻي حڪومتي ڪارندن ٽيليفون ٽيپ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا. مان اهو يقين سان چوان ٿي تہ جڏهن مان وزيراعظم هئس تہ منهنجي آفيس ۽ رهائشگاهہ جي ٽيليفونڪ ناڪ ٽيپ ڪئي ويندي هئي. اڄ بہ جڏهن مان اهو سڀ ڪجهہ لکي رهي آهيان تہ منهنجي مٽ س جي ڳالهہ ٻولهہ ٽيپ ڪئي وڃي ٿي. ان جي وڊيو فلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سال کان بہ گهٽ عرصو پهريان پنهنجي حيثيت جي برابر رهندڙ يعني اڳوڻي وزيراعظم کي مجرم قرار ڏيڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي وزيراعظم نواز شريف کي خود بہ ڪراچي جي دهشتگردي توڙ عدالت عمر قيد جي سزا ٻڌائي. هو هاءِ جيڪنگ ۽ دهشتگردي جي ڏوهه ۾ ملوث قرار ڏنو ويو آهي.

پاڪستان ۾ نواز شريف جو ڪيس دنيا جي نظر جو مرڪز هو. جو تہ متس جيڪي الزام هئا، انهن جي سزا موت بہ ٿي سگهي پئي. ملڪ جو نئون حڪمران جنرل مشرف پهريان ئي چئي چڪو هو. هو انتقام وٺڻ وارو مزاج نٿو رکي. ڪيس جي ٻڌڻيءَ واري جج جنرل صاحب کي آزمائش کان بچائي ورتو ۽ موت واري سزا روڪي ڇڏي پر هو ملڪ کي تيڙو تيڻ کان بچائي نہ سگهيو.

چئن ڏهاڪن ۾ عدالتن چئن وزيراعظمن کي ڏوهي قرار ڏنو ۽ ڪنهن بہ ٻئي ملڪ جي مقابلي ۾ هيءَ هڪ انوکو ريڪارڊ آهي. ڪيس انهن ڪمزور جانشين ماڻهن تيار ڪيا جيڪي مخالفن کي سياسي منظر تان هٽائي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ گهرن پيا. مخالفن کي ختم ڪرڻ واري هر ڪارروائي هڪ نئون پينڊورا باڪس کولي ڇڏيو، جنهن سان ويچاري جي باقي بچيل ساک بہ ختم ٿي ۽ مستقبل وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويو.

منظر تان هٽائڻ جي پهرين عدالتي ڪارروائي پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ ٿي. بنگالي وزيراعظم سهروردي جي مٿان ڪرپشن جو ڪيس هلايو ويو. ان تي الزام هو تہ هن پنهنجي اثر رسوخ ذريعي هڪ ٺيڪو ڏنو. هو پنهنجي بيگناهي متعلق رڙيون ڪندو رهيو پر عدالت هن جي خلاف پري بيٺي هئي. هن کي نااهل قرار ڏيڻ سان ملڪ جي مشرقي حصي ۾ تلخي پيدا ٿي پئي، بنگالي عوام کي ناراض ڪرڻ ۾ اهو بہ هڪ اهم عنصر هو. جنهن جي ڪري 1971ع ۾ ملڪ ٻہ اڌ ٿي ويو.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ متوقع وزيراعظم ڏوهي قرار ڏيڻ کان بچي ويو. اهو شيخ مجيب الرحمان هو. 1970ع واري چونڊ ۾ ڪاميابي ان جي ناڪاميءَ جو سبب بڻي. ڪيس غداريءَ جي الزام هيٺ جيل ۾ بند ڪيو ويو. ملڪ ٽٽي ويو. ان جي ڪري جنرل يحيٰ مالڪ هوندي اقتدار ڇڏڻ تي مجبور ٿيو. ان ڪانپوءِ ايندڙ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو، هڪ رحم دل شخص هو. هن شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪري ڇڏيو هو هڪ جائز مينڊيٽ وارو مقبول ليڊر هو ۽ ان کي عوامي حمايت حاصل ڪرڻ جي ٻاهرين سهارن جي ضرورت نہ هئي، سندس عقيدو هو تہ همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ سان زخم پرجي ويندا آهن ۽ نفرتون ختم ٿي وينديون آهن ۽ ائين ئي ٿيو. بنگالي عوام جي قتل عام جي باوجود هن ٽي سال پوءِ يعني 1974ع ۾ لاهور ۾ ملڪ جي مغربي حصي ۾ رهڻ وارن ٻائرن سان مفاهمت ڪري ڇڏي.

ان جي باوجود هڪ انسان دوست وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ئي جان نشين جنرل ضياءَ جي عدم تحفظ واري احساس جو شڪار ٿي ويو، جڏهن جولاءِ 1977ع ۾ جنرل ضياءَ بغاوت ڪئي ۽ اقتدار تي قبضو ڪيو تہ هن پنهنجي محسن تي قتل جو الزام هنيو ۽ ان ئي قتل جي الزام ۾ ڪيس موت جي سزا ڏني وئي.

ضياءَ کي اهو ڊپ هو تہ جيڪڏهن عوام جو مقبول اڳواڻ وري اقتدار ۾ اچي ويو تہ سندس مٿان غداريءَ جو ڪيس هلايو ويندو. پاڪستان جي آئين جي مطابق غداري جي سزا موت آهي. ضياءَ چوندو هو تہ "هڪ ماڻهو هڪ قبر" يعني ان جو مطلب اهو هو تہ هڪ کي مرڻو پوندو ۽ ٻئي کي زنده رهڻو آهي.

انصاف جي سلاٽر هائوس ۾ بين الاقوامي لعن طعن جي باوجود ضياءَ ڀٽو کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عدالتي بحران

قانوني حلقن ۾ حيرت جو باعث بڻجندڙ ڪجهه قدمن ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ ٻين ڇوڏهن ججن کي فارغ ڪرڻ وارو قدم به شامل آهي. عدليا جو اهو وحشياڻو قتل ان وقت ڪيو ويو، جڏهن برطرف وزيراعظم نواز شريف جي بحالي لاءِ ڏنل هڪ درخواست جي ٻڌڻي ٿيڻ واري هئي.

مٿين ججن کي فارغ ڪري فوجي حڪمرانن چند اهڙن ججن کي بحال رکيو آهي، جن جي شهرت مالي فائدا ۽ ٻيون سهولتون حاصل ڪرڻ جي حوالي سان داغدار رهي آهي. حڪومت تي فوج جي قبضي جي ٽن مهينن کانپوءِ عدليا جي سينيئر رڪنن خلاف ان اوچتي قدم سان فوجي حڪومت جي پريشاني ظاهر ٿئي ٿي. عوامي حلقن بار ايسوسيئيشن ۽ انساني حقن جي تنظيمن ان قدم جي سختيءَ سان مذمت ڪئي آهي.

عدالتي قتل جو اهو عمل پاڪستان ۾ گردش ڪرڻ وارين انهن رپورٽن جي ڪري تڙتڪڙ ۾ ڪيو ويو. جن مطابق پاڪستاني عدليا ۾ بي انتها اختيار جو ڏٺي چيف جسٽس، جرنيلن کان جمهوريت جي بحالي ڪري انهن کي وڏيڪ پريشاني ۾ مبتلا ڪرڻ وارو هو ۽ ان لاءِ جرنيل راضي نه هئا. چيف جسٽس سعيدالزمان صديقي جرنيلن جي نئين ليگل فريم آرڊر تحت قسم کڻڻ کان انڪار ڪري حڪومت جي آئيني حيثيت کي چيلينج ڪيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر ان جي جائز هجڻ متعلق سوال اٿاري ڇڏيا! هن واضح ڪري ڇڏيو ته هو صرف ”آئين جي تحت ڪم ڪندو“

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته چيف جسٽس 1999ع کان فوجي حڪومت جي قابض ٿيڻ کانپوءِ ساڻس ٿيل مفاهمت جو ذڪر پڻ ڪيو. صديقي صاحب جي بقول جنرل مشرف آئين ۾ عدليا جي متعلق حصن کي بحال رکڻ لاءِ ساڻس انصاف ڪيو هو پر پوءِ جرنيلن جي طرفان نئين فرمان تحت قسم کڻڻ لاءِ ايگزيڪيوٽو آرڊر جاري ڪرڻ تي ججن ۽ جرنيلن جي وچ ۾ اٽبٽت ٿي پئي. ججن جي برطرفي کي عوامي حلقن ۾ اڳوڻي فوجي حڪمران جنرل ضياءَ طرفان عدليا پنهنجي وفادارن کي گڏ ڪرڻ وارن عملن جي برابر سمجهيو ويو. اها ڳالهه نئين چيف جسٽس ارشاد حسن خان جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ ۾ موجود ججن لاءِ چئلينج جي حيثيت رکي ٿي. انهن ۾ گهٽ پاڳي سني شهرت رکندڙ آهن. نئين فرمان موجب وفاداري وارو قسم کڻڻ کانپوءِ آهي جج نواز شريف حڪومت جي بحالي واري درخواست جي ٻڌڻي نه ڪري سگهندا.

پر ان عدالتي بحران سان نئين حڪومت کي دوست پيدا ڪرڻ جي معاملي ۾ نااهلي ۽ دشمن گڏ ڪرڻ وارو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. اها ڳالهه واضح ٿي وئي آهي ته جرنيل عدالتي ۽ سياسي عمل کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ جلدبازي ۾ فيصلا ڪري رهيا آهن. سياسي جماعتون، بار ايسوسيئيشنز ۽ انساني حقن جي ڪارڪنن طرفان فاشسٽ نواز حڪومت جي برطرفيءَ جو استقبال ڪرڻ واري ان سماجي طبقي کي وڏي منظم انداز سان مخالف بڻائي ڇڏيو.

احتساب جي لاءِ هڪ آزاد ۽ باصلاحيت طريقو اختيار نه ڪرڻ جي ڪري نواز حڪومت جي پنهنجي سياسي مخالفن سان ڪيل زيادتين جي ازالي ۾ ناڪامي. متحده اپوزيشن سان رابطن جي گهٽتائي ۽ هاڻ واضح طور تي غيرجانبدار ججن جي برطرفي جي ڪري هيءَ حڪومت سياسي حمايت وڃائي وڃي آهي جيڪا حمايت کيس 1999ع ۾ حڪومت سنڀالڻ وقت حاصل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خطي ۾ امن ۽ سلامتي ۾ خطري ۾ پئجي سگهن ٿا. پاڪستان جيڪو دنيا ۾ واحد اسلامي ايٽمي ملڪ آهي ۽ غير مستحڪم افغانستان سان سندس سرحدون ملن ٿيون، سو بين الاقوامي برادري جي لاءِ پريشانيءَ جو باعث آهي.

عدالتي بحران ايڪيهين صدي جي شروعات ۾ پاڪستان کي درپيش چيلينجن جي عڪاسي ڪري ٿو. پاڪستان جي فوجي حڪمرانن جي لاءِ اهو ئي وقت آهي تہ هو گذريل ٽن مهينن جو جائزو وٺن. منفي تاثرن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو قدم کڻن. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن جرنيل اصلاح احوال جي لاءِ سياسي اتفاق جي راءِ جي حصول لاءِ ڪو اشارو ڏين. ان اشاري کانسواءِ ملڪ جو مستقبل غيريقيني آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزيراعظم توني بليئر ڪنهن بہ وزيراعظم جي بنسبت سيني ڪان وڌيڪ سياسي ماڻهن کي سياسي ڪارڪنن جي حيثيت سان پارٽي ۾ شامل ڪيو. (هن اهو ڪم نيو ليبر جي نالي تحت ڪيو)

چونڊيل سياسي ماڻهو غير معمولي جوش ۽ جذبي سان ميدان عمل ۾ لهي پوندا آهن. انهن جي ان جذبي کي ٽيڪنوڪريٽ جي جذبي سان ڀيٽي نٿو سگهجي. ڪوبہ سياسي ڪارڪن هوندو آهي تہ ان جي وفاداري سياسي پروگرام هوندي آهي. سياسي حيوان هجڻ جي ناتي سياسي ڪارڪن سدائين سماجي اعزاز ۽ انعام کي مالي انعام تي ترجيح ڏيندو آهي ۽ اهو رويو ٽيڪنوڪريٽ جي رويي کان مختلف ٿيندو آهي. جو تہ ٽيڪنوڪريٽ پئسي کي وڌيڪ اهميت ڏيندو آهي. جڏهن تہ چونڊيل سياسي ماڻهو ان ڳالھ تي يقين رکندو آهي تہ ان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار سندس اقتدار جي مدت جي ڪاميابيءَ سان وابستہ آهي. جڏهن تہ ٽيڪنوڪريٽ پنهنجي اقتدار جي مدت کي اقتصادي مارڪيٽ ۾ پنهنجي مستقبل کي روشن بڻائڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي.

چيو ويندو آهي تہ ترقي ۽ جمهوريت جو پاڻ ۾ تمام گهڻو ويجهو تعلق آهي. اها ڳالھ پاڪستان جي سياسي صورتحال جي حوالي سان صحيح آهي. اسان پاڪستان جي سياسي صورتحال جي حوالي سان جمهوري حڪومت ۽ فوجي حڪومت جي حمايت يافتہ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺي سگهون ٿا. پوءِ ان تجزئي کي هڪ مخصوص مفاد پرست گروپ کي تعليم ڏيڻ جي لاءِ استعمال ڪري سگهون ٿا تہ جيئن کين خبر پوي تہ چونڊيل ماڻهن جي اهميت ڇا هوندي آهي. ڪاميابي جي لاءِ ٻهرين کان ڪامياب نظام جو نقل ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي. جيئن آمريڪا جو نظام. انهن جي انتظاميا جو انحصار طاقت ۽ چونڊيل سياسي ماڻهن جي طرفان ڏنل قوت تي هوندو آهي. انهن کي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪم ڪرڻ جي آزادي هوندي آهي ۽ انهن کي مجهول غير متحرڪ شڪي مزاج ۽ خشڪ مزاج ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيو ويندو آهي. جيڪي ڪنهن بہ پاليسي کي ان وقت ناڪام بڻائي ڇڏيندا آهن. جڏهن هو ڏسندا آهن تہ پاليسي جي ڪري سندن مفادن کي نقصان رسڻ جو انديشو هوندو آهي.

هڪ ٻيو غير جمهوري نعرو بہ لڳايو ويندو آهي تہ ملڪ کي هلائڻ جي لاءِ هڪ ٽين پارٽي کي بہ چانس ڏيڻ گهرجي. چيو وڃي ٿو تہ ملڪ جا ٻئي وزيراعظم بہ ٻيهر اقتدار ۾ اچي چڪا آهن تنهن ڪري انهن کي اقتدار کان ٻاهر رکجي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا انهن ٻنهي وزيراعظمن کي امير طبقي جي ماڻهن ووٽ ڏنا هئا يا اقتدار ۾ آندو هو. اها ڳالھ واضح آهي تہ جمهوريت ۾ ووٽ وجهندڙ ئي اهو فيصلو ڪندا آهن تہ ڪنهن کي چونڊڻو آهي. جڏهن متيئن طبقي جي اشرافن ووٽرن جي اعتماد کي ڌڪ هنيو ۽ نااهلي جو هڪ نئون ڊرامون رچايو ويو ۽ اهڙي طرح سياسي ميدان ۾ ڪرپشن جا ڪوڏيا پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ لڳا!

انهيءَ عمل جي ڪري سياسي ڪلاس کي بدنام ڪيو ويو وڃي. منفي سوچ سان خود تباهي جو هڪ منفي چڪر پيدا ٿي پوندو آهي.

ان سان اهو تاثر پيدا ٿئي ٿو تہ سياست بہ ڪسينو وانگيان آهي يعني جيڪڏهن توهان جي قسمت سٺي آهي تہ توهان اقتدار حاصل ڪري سگهو ٿا. حقيقت ۾ اقتدار يا طاقت لاٽري واري نظام کان گهڻو مختلف آهي. اقتدار هڪ مقدس امانت آهي ۽ اختيار ن کي اهي ماڻهو استعمال ڪن ٿا جن تي لکين ماڻهو ازاديءَ واري ماحول ۾ پنهنجي اميدن سان گڏ اها ذميواري عائد ڪن ٿا. اهو حق صرف ۽ صرف ووٽر وٽ هوندو آهي تہ ڪنهن کي اقتدار جي مسند تي ويهارڻ جي ۽ ڪنهن کي لاهي ڦٽو ڪجي. ان جي لاءِ ووٽر سندن ڪارڪردگيءَ کي ئي بنياد

پنهنجي اندر هر سال اليڪشن ڪرائڻي پوندي. پهريان قومي چونڊ پوءِ صوبائي چونڊ ان کانپوءِ لوڪل ۽ پارٽي جي اندر چونڊ ٿيندي. يعني سياستدان ٻارهن ئي مهينا چونڊ جي حوالي هجي ۽ فوج آزاد هجي. جيڪا ڪنهن بہ احتساب کان آجي هجي ۽ هو پاڪستان کي پنهنجي ذاتي جاگير سمجهي ڦرلٽ ڪندي رهي.

هن وقت عالمي برادري توڙي پاڪستان جي اندر ڪجهہ ڌريون هن آئيني آمر مان مطمئن ۽ خوش آهن. جنرل پرويز مشرف واعدو ڪيو هو تہ هو ترڪي جي انقلاب پسند اتاترڪ وانگر صلح پسند. بنياد پرستن کي ڪاوڙائڻ لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ هن پنهنجي پالتو ڪتن سان گڏ تصويرون ڪڍرايون. جيڪي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيون. ان کان بہ وڌيڪ ڳڻتي واري ڳالهہ اها آهي تہ هن فرقيواريت جي ليڊر مولانا جهنگوي کي ڦاهي ڏيڻ جي اجازت ڏني. هنن سان ڪنهن بہ جاءِ تي ڪڏهن بہ ڳالهيون ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ سي ٽي بي ٽي تي صحي ڪرڻ جو اشارو ڪيو.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هن اليڪشن ڪميشن. عدليا. قانون لاڳو ڪندڙ هٿيار بند فوج ۽ سياسي پارٽين کي پنهنجي ماتحت ڪري سڀئي اختيار واحد فرد جي هٿ ۾ ڏئي رهيو آهي جيڪو هڪ خطرناڪ عمل آهي. هاڻ جيڪڏهن ڪو ملڪ تي قبضو ڪرڻ چاهي تہ هن کي صرف هڪ عهدي تي قبضو ڪرڻو پوندو.

پريشانيءَ واري ڳالهہ اها آهي تہ هڪ اهڙي ملڪ ۾ جنهن جي فوج افغانستان تي ٻاهرين فوج جي قبضي جي خلاف افغان جهاد کي اڳتي وڌائي رهي آهي تہ اهڙي حالت ۾ واحد فرد جي هٿ ۾ آئيني اختيار ڪنهن خطرناڪ نتيجي کي سامهون آڻي سگهن ٿا. اختيارن جو اهو طريقيڪار انهن لاءِ بهتر آهي جيڪي گهٽي پاڳي نرم انقلاب جي ڳالهہ ڪندا هجن جڏهن تہ هو پاڪستان کي پوري علائقي توڙي بين الاقوامي طور قابل احترام ۽ پروقار جاءِ تي ڏسڻ جا خواهشمند آهن. هن جي لاءِ اختيارن جو اهو طريقو نقصانڪار آهي ۽ اها ڳالهہ وڏي غور ۽ فڪر جي طلب آهي.

سياسي انتهاپسندن مذهب جي نالي تي جنهن انقلاب جو واعدو ڪيو آهي ٿي سگهي ٿو تہ اهو نرم انقلاب هجي. اهو پاڪستان تي قبضي ڪرڻ جو ٻن مرحلن وارو خطرو آهي. پهرين مرحلي ۾ آرمي چيف جي سربراهي ۾ اقتدار تي قبضو ڪيو ويو ۽ هاڻ ٻئي مرحلي ۾ انتهاپسندن کي اها پڪ آهي تہ هو آرمي چيف کي بنياد پرست طور تي مامور ڪري ڇڏيندا. بنياد پرست آرمي چيف ملا عمر جيان اسلام جو خليفو هجڻ جو اعلان ڪندو. سياستدان بي معني ۽ بي مقصد اليڪشن تي وڙهندا رهندا. جڏهن تہ خليفو طالبان جيان اسلام کي وڌيڪ ڦهلائڻ لاءِ ڏيان ڏيندو. پاڪستان وٽ اسلامي دنيا جي باري ۾ سوچ مختلف آهي، هيءَ هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن وٽ وڏي پيماني تي تباهي مچائڻ وارا هٿيار موجود آهن، جيڪڏهن پاڪستان اهڙن بنياد پرست قوتن جي قبضي ۾ اچي ويو، جن جو مقصد اسلام کي وڌائڻ ويجهائڻ هوندو تہ ڪيترائي اسلامي ملڪ عدم استحڪام جو شڪار ٿي ويندا.

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ اهو منصوبو جنرل مشرف جي اڳيان. سياسي پارٽيون. بيلٽ ۽ عوام کي ڪنٽرول لاءِ هڪ ذريعي جي طور تي پيش ڪيو ويندو. وڌيڪ خطرناڪ ڳالهہ اها آهي تہ سڀئي اختيار هڪ ئي فرد جي هٿ هيٺ آهن. توهان ٿوري دير لاءِ سوچيو تہ پاڪستان ۾ جهاد جي حامي قوتن نواز شريف ۽ ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پارٽي جي ذريعي آئين کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نواز شريف به پيرا مذهبي حڪومت جي قيام جو اعلان ڪيو. سينيٽ ۾ آئيني اڪثريت نه هجڻ ڪري هو ائين نه ڪري سگهيو. اپوزيشن ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي رکيو. نواز شريف طالبان جي تعريف ڪندو رهيو ۽ گڏوگڏ اهو واعدو پڻ ته جڏهن به ڪيس سينيٽ ۾ اڪثريت ملي ته هو مذهبي حڪومت جو اعلان ڪندو. هن به دفعا اهڙي ڪوشش ڪئي ۽ ٻئي دفعا معزول ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڀريان به بنياد پرستن مذهبي حڪومت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن 1995ع ۾ جونيئر آفيسرز انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن کي وقت سر ناڪام بڻايو ويو هو. ان انقلاب جي اڳواڻي برگيڊيئر مستنصر ڪئي هئي. هاڻ وري ملڪ کي مذهبي رياست ناهڻ لاءِ جنرل مشرف سان اميدون وابسته ڪيون ويون آهن پر حقيقت ۾ اهو نظريو اڪثريت جي حامي معاشري ۾ موجود عنصر کي ٻي پاڙو بڻائڻ لاءِ هڪ چال آهي ته جيئن آئيني آمريت کي عمل ۾ آڻي سگهجي، جنهن ڪانپوءِ طالبان طرز حڪومت جي شڪل ڏني وڃي. جنهن جي قيادت هڪ ڳجهو ملا عمر ڪندو. اهو عمل نه صرف پاڪستان جي عوام پر ڏکڻ ايشيا توڙي اسلامي دنيا لاءِ به خطرناڪ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان ۾ ڪرپشن جي عمل دخل واري الزام کان بہ بچي نٿو سگھجي.

پھريان تہ عوام کي آئين کان محروم ڪيو ويو، مٿان وري جج حضرات پنھنجو حلف وڃائي ويٺا ۽ ھاڻ بجيٽ عوام جي باقي بچيل ڪسر بہ ڪڍي ڇڏي آھي. گذريل سال جيان ھن مالي سال جي بجيٽ ۾ بہ رجائيت پسند اعداد ۽ شمار جا ڪرتب ڏيکاريا ويا آھن. باقي ڪجھہ بہ نئون نہ آھي. پاڻي جي شديد کوٽ ملڪ جي ھڪ حصي کي ڏڪار واري حالت ۾ پھچائي ڇڏيو آھي. ان سلسلي ۾ بجيٽ ۾ اھو ٻڌايو ويو آھي تہ پاڻي متعلق ڪجھہ منصوبن جو اعلان ڪيو ويو آھي، جڏھن تہ ھلندڙ منصوبا فنڊن جي کوٽ جو شڪار آھن.

اھڙي صورتحال ۾ ڪوبہ امڪان نظر نٿو اچي تہ ترجيحن کي تيزي سان تبديل ڪجي ۽ اھا نشاندھي بہ نہ ڪئي وئي آھي تہ انھن منصوبن جي لاءِ پئسو ڪٿان ايندو. ان جو مطلب تہ صرف اھو نڪري ٿو تہ اھا عوام سان بھتر رابطو رکڻ واري ھڪ چال آھي.

بھرحال ٽيڪسٽائيل انڊسٽري ۽ کي ڪجھہ سھولت ضرور حاصل ٿيندي. جو تہ ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن جي معاھدي جيّ ڪري ڊيوٽين ۾ ڪمي ڪرڻ متعلق سوچيو ويو آھي. پروقار طريقي سان پيداوار وڌائڻ ممڪن نہ ھوندو. زراعت جيڪا پاڪستاني معيشت ۾ ڪرنگھي جي ھڏيءَ واري حيثيت رکي ٿي، جي شعبي ۾ متوقع حدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي ٿي آھي. جمھوري دؤر ۾ زرعي پيداوار جي شرح ست سيڪڙو کان بہ مٿي وڃي رھي ھئي، جيڪا ھاڻ گھٽجي ٻڙيءَ کان بہ ھيٺ وڃي رھي آھي. سرڪاري ملازمن کي پگھارن ۾ پنجاھہ سيڪڙو اضافي جي خوشخبري ڏني وئي آھي پر جڏھن پنھنجا چيڪ وصول ڪرڻ لڳندا تہ انھن کي خبر پوندي تہ ساڻن ھڪ ٻي گيم کيڏي وئي آھي.

گذريل سال جرنيلن فوج ذريعي ٽيڪس متعلق سروي ڪرايو جيڪو ناڪام ٿي ويو، جو تہ روينيو جو ٽارگيٽ پورو ٿي نہ سگھيو. گذريل ٽيڪسن ۾ اصلاح جو واعدو پڻ ڪيو ويو. جنھن جو اعلان اجا تائين نہ ٿيو آھي ان رپورٽ کي گذريل سال واري ڊسمبر ۾ ريليز ڪرڻو ھو. ڇھہ مھينا وڌيڪ گذري وڃڻ جي باوجود عوام کي اڄ بہ ان جو انتظار آھي.

پاڪستان جي معيشت اڄ بہ مقتل ۾ پيل آھي. جڏھن تہ ملڪ ڪنھن اونھيءَ کڏ ۾ ڪري پيو آھي: گھٽ پيداوار گھٽ روينيو ۽ گھٽ سيڙپ جھڙا عوامل عالمي برادري ۾ پاڪستان جي نالي ۽ مقام کي منفي طور متاثر ڪري رھيا آھن. داخلي طور تي غربت ۾ اضافو ٿي رھيو آھي. ھاڻي بہ پاڪستان گھٽ پيداواري شرح ۽ وڏن قرضن جي ڄار مان بہ نڪري سگھي ٿو پر شرط اھو آھي تہ. جمھوريت بحال ڪئي وڃي پر ڇا ڪجي جرنيل اھو ڪرڻ لاءِ تيار ناھن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڪستان هڪ موقعو وڃائي ڇڏيو

پاڪستان جي سرڪاري حلقن ان وقت خوشيءَ جو اظهار ڪيو جڏهن آئي ايم ايف سان معاهدو ڪرڻ ڪانپوءِ پاڪستان تي هڪ بلين ڊالرن جي وڏيڪ قرض جو بار وڌو ويو، ان ڳالهه تي خوشي نه ملهائجي ها ته چڱو هو.

پاڪستان تي تمام گهڻن قرضن جي ڪري ملڪ مان فيصلو ڪرڻ واري سياسي آزادي ختم ٿي چڪي آهي. وري وري فوجي مداخلت جي ڪري ملڪ جي اقتصاديات قرضن جي بار هيٺ دٻجندي پئي وڃي. هاڻ جڏهن حڪومت جو هر فيصلو قرض ڏيڻ وارن ملڪن جي مفادن کي سامهون رکي ڪيو ٿو وڃي ته ائين سمجهڻ گهرجي ته پاڪستان پنهنجي آزادي وڃائي ويٺو آهي.

پاڪستان جي لاءِ هڪ سونهري موقعو ضرور آيو هو ته جيئن هو پنهنجي وڃايل آزاديءَ کي ٻيهر حاصل ڪري سگهي ۽ اهو موقعو به حادثاتي طور سامهون آيو هو. جڏهن ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي حملي ڪانپوءِ دنيا جو ردعمل سامهون آيو هو. اهڙي قسم جي ٻين بحرانن ۾ اردن ۽ مصر پنهنجا قرض معاف ڪرائي ڇڏيا هئا پر موجوده حڪومت صرف پنهنجا قرض واپس ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وقت جي گهر ڪئي. جمهوري حڪومت جنهن هڪ ارب ڊالرن جو قرض واپس ڪيو هو ان جي مقابلي ۾ فوجي حڪومت مسلسل قرض وٺندي رهي ٿي. هن فوجي حڪومت ۾ ملڪ مٿان قرض جو جي ڊي پي 120 سيڪڙو تي ويو. ٻاهريون مڙئي قرض ملڪ جي برآمد کان 230 سيڪڙو تائين پهچي چڪو آهي.

جمهوريت نه هجڻ ڪري پاڪستان وٽ اهو موقف نه هجڻ جي برابر آهي ته هو اقتصادي ميدان ۾ ٻيهر ڪا ترقي ڪري سگهي. ايڪهين صدي ۾ جيڪو سوال اڀري سامهون آيو آهي ته ڇا اهي قومون واقعي آزاد هونديون آهن، جيڪي قرضن جي بار هيٺ دٻيل هجن. ويهين صدي استعماري قوتن ۽ ان جي نظام کان نجات حاصل ڪرڻ جي صدي هئي. جيڪي روايتون اڻ چونڊيل حڪمرانن ملڪ ۾ ڇڏيون آهن، اهي هي آهن ته اهي قومون صرف چوڻ جي حد تائين آزاد آهن. جڏهن ته حقيقي طور تي اهي آزاديءَ کان محروم هونديون آهن.

پاڪستان کي انتظامي طور هلائڻ ۾ پاڪستاني فوج جو اهم ڪردار رهيو آهي ۽ پاڪستان جي دفاعي خرچن جو ته ڪاٿو ئي نٿو لڳائي سگهجي ۽ نه ئي وري انهن خرچن جو ڪو حساب ڪتاب رکيو وڃي ٿو. بقول يو اين ڊي پي ته پاڪستان ۾ انساني ترقيءَ جي رفتار ٻين سيني ملڪن کان گهٽ آهي. پيدائش ڪانپوءِ زنده بچي ويندڙ ٻارن جو تعداد سيني کان وڌيڪ ۽ بالغن ۾ تعليم سيني کان گهٽ آهي. حقيقي طور تي في ماڻهو ساليانو آمدني 1996ع ۾ 475 ڊالر هئي جيڪا هاڻ 2001ع ۾ جنرلن جي حاڪميت هيٺ صرف 396 ڊالر وڃي بچي آهي. اسلام آباد جي هاڻوڪي اقتصادي پاليسي اها آهي ته هو قرض ڏيڻ وارن جي نظر ۾ لڳي جڏهن ته قرض ڏيڻ وارن جو نقطه نظر سياسي واقفن تي انحصار ڪندڙ هوندو آهي. هن وقت قرض ڏيڻ وارا ملڪ اسلام آباد جي ڊڪٽيٽرشپ مٿان مهربان آهن، جڏهن ته ٻئي پاسي ان پاليسي سبب جيڪي ڏکيائيون پيش اچي سگهن ٿيون اهي آسانيءَ سان حڪومت کي هيٺ مٿي ڪري سگهن ٿيون. ٻاهرين قوتن نوان سياسي طريقا متعارف ڪرايا آهن. جنهن ڪري فوجي حڪومت کي پنهنجا ڪجهه اهم مقصد ترڪ ڪرڻا پئجي ويا آهن.

انهن ۾ پهريون ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ ۽ طالبان حڪومت جي وچ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان پوندڙ هڪ بوجهه گهٽجي رهيو آهي.

هاڻ خراب اقتصادي صورتحال سبب پاڪستان هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ واري صلاحيت کان محروم ٿي ويو آهي. هاڻ اهو حادثو خدا پاڪ جي طرفان موڪليل هڪ موقعو ٿي سگهي ٿو ته ڪشڪول ڦٽو ڪري پاڪستان جي اقتصاديات کي بحال ڪيو وڃي. ڪابل وٺان اٿندڙ ڇولي پاڪستان جي سياسي گندگيءَ کي گهلي وڃي رهي آهي، جنهن ڪري پاڪستان ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي نٿو سگهي.

مشرف حڪومت اها اميد ڪري سگهي ٿي ته اولهه سندس سياسي مدد ڪري سگهي ٿو پر ڇا ڪجي اولهه ڪابل جي حالتن کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ اڳ ئي قاتل آهي ۽ هن جي مٿان هڪ وڏي ذميواري آهي. فوجي حڪومت جنهن هاڻ طالبان سان تعلق ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهري حڪمت عملي جي پاليسي کان به پاسيري ٿي وئي آهي. هاڻ جنگجو ۽ مدرسن مان به جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. جنهن سان مذهبي گروپ ۽ فوجي اسٽيبلشمينٽ جا تعلقات به متاثر ٿيندا.

جنرل مشرف ڪنهن وقت ۾ جنرل ضياءَ جو اهم مددگار ساٿي هو ۽ چيو وڃي ٿو ته جنرل ضياءَ جي موت کان ٿورو وقت اڳ جنرل ضياءَ جو ملٽري سيڪريٽري ٿيڻ وارو هو. هاڻ ڪيس فيصلو ڪرڻو آهي ته هو گذريل وقت جي قوتن سان گڏ رهڻ پسند ڪندو يا سيني تعصبن کي ڇڏي ايندڙ وقت جي قوتن جو ساٿ ڏيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بگاڙي ماهر اهڙي طريقي سان پيش ڪن ٿا. جيئن هو چاهين ٿا. پر جيڪڏهن معاشي سگهه کي سامهون رکي ڏٺو وڃي ته اسان کي انهن انگن اکرن ۾ ڪا به سچائي نظر نٿي اچي.

سچ ته اهو آهي ته اسين معاشي بدحالي جو شڪار ٿي چڪا آهيون. اسان جي معاشي حالت ريل جي انجڻ جهڙي ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ ٻاڦ آهي ئي ڪونه. اسان هٿرادو طريقي سان ان کي گهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ان سموري صورتحال جو ذميوار مسٽر شوڪت عزيز آهي. جيڪو ريل جي انجڻ کي هلائڻ لاءِ جديد ۽ سائنسي طريقا استعمال ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ملڪ جي مٿان قرض جو تمام وڏو بوجهه آهي ۽ ملڪ تباهي جي ڪناري تي اچي پهتو آهي. حالتن ۾ بهتري جي بدران ڏينهون ڏينهن ابتري ايندي پئي وڃي. ان جو سبب اسان جي ڪرندڙ معاشي ساک پڻ آهي. اسان کي سياسي تبديلين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن کي نظر ۾ رکڻو پوندو ۽ ماضي. حال ۽ مستقبل جي فرق کي سامهون رکي فيصلو ڪرڻو پوندو. بجيٽ کي اڄ به ڪارڪردگيءَ جو پيمانو ، عمل جي قوت ۽ حڪومت هلائڻ جي باري ۾ حڪمت عملي جو مظهر سمجهيو ويندو آهي. بجيٽ اڄ به پراڻي قسم جي ترجيحن مطابق مرتب ڪئي وڃي ٿي، جنهن سان حڪومت وٽ پنهنجن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ امڪان گهٽجي وڃن ٿا

پيو مسئلو غيريقيني صورتحال جو آهي، هڪ ڊگهي عرصي کان بجيٽ تخمينو غيريقيني صورتحال جو شڪار آهي. ان جا ٻه سبب آهن هڪ ته ملڪي معيشت خود غيريقيني جو شڪار آهي ۽ ٻيو ته فوجي حڪومت جون تبديليون ۽ جزوي ترجيحون وڏين معاشي ترجيحن ۾ بدلجي چڪيون آهن. بجيٽ جي حالت ان غيريقيني واري ڪيفيت سان ڪنهن به طرح ڪلهو پيچي نٿي بيهي. بجيٽ جا ضابطا ۽ قانون به ان ڪيفيت کان ڇوٽڪارو ڏياري نٿا سگهن.

ان غيريقيني صورتحال کان ڇوٽڪارو ممڪن آهي پر شرط آهي ته ان لاءِ ڪجهه ڪوششون وٺڻيون پونديون. مثال طور سياسي استحڪام لاءِ تبديلين کي واضح ڪرڻو پوندو. جتي موقعا موجود هجن. اتي معاشي معاملن جي ترجيحن کي ترڪ ڪرڻ گهرجي. عام طور تي موقعن جي حاصلات جي لاءِ منڊيون سازگار هونديون آهن. ٻيون مرحلو مالي شعبن جي متعلق آهي. بجيٽ ۾ ٻن معاملن کي روايتي چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ هڪ اهو ته ٽيڪس جي دائري کي وڌائجي ۽ ٻيو اهو ته حڪومتي خرچن کي گهٽائجي. پاڪستان ۾ هميشه اهو جهيڙو هلندو رهي ٿو ته ٽيڪس ڪير ڏيندو ۽ ان مان فائدو ڪير حاصل ڪندو. ٽيڪس جو بوجهه ڪيئن گهٽائجي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڪ — ڀارت ڳالهيون

جنرل مشرف جي هندوستاني دؤري سان منهنجي ذهن ۾ ڪنهن ٻئي هوائي اڏي جو خاڪو اڀري رهيو آهي. مون کي ٻارنهن سال پهريان واري ڊسمبر جي سردين وارو اهو ڏينهن ياد اچي رهيو آهي، جڏهن راجيو گانڌي منهنجي حڪومت دؤران اسلام آباد جي هوائي اڏي تي لٿو هو ۽ ان ئي پاڪستاني فوج خوشيءَ مان تپاتي ڏنا ۽ ڪيس سلامي ڏني هئي. پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ رنج رسامون دور ڪرڻ جو بنياد مون ئي رکيو هو ۽ اها منهنجي طرفان اخلاقي ۽ شخصي ڪشاده دلي آهي. جنهن تحت مون ان ڳالهه جو خيال ڪيو ته هڪ آرمي چيف هڪ وڏي ٻاڙيسريءَ سان رنج ۽ ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ٻارنهن سالن جي دير ڪانپوءِ منهنجي ئي نقش قدم تي هلي دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪري رهيو آهي.

مان ان قومي نقصان کي به محسوس ڪري رهي آهيان ايترو سارو وقت لنگهي ويو ۽ هزارين قيمتي جانيون به ضايع ٿيون. اسلام آباد ته پهريان ئي ملاقات جي خيرات گهري هئي ته ڪنهن وقت به ٿئي. ڪٿي به ٿئي. جڏهن ته هڪ شاندار موقعو به هو پر ائين ٿي نه سگهيو.

مشرف جي اها ملاقات ته هڪ متنازع ملاقات آهي. جنهن جي اختلافي هجڻ جا ٽي سبب آهن.

مشرف وٽ پنهنجي عهدي جي جائز هجڻ جو ڪو به آئيني جواز موجود ناهي. چو ته هي منتخب صدر ناهي.

اسان جي قومي تاريخ ان کي متنازع ثابت ڪري ٿي.

ڪشمير جي تاريخ به ان کي متنازع ڪري ٿي.

فوجي تاريخ اهو ٻڌائي ٿي ته مشرف جنهن فوج جي قيادت ڪري ٿو اها ئي هن جو پاسو ورائي ان ڪم جو دليل پيش ڪري سگهي ٿي. وڌيڪ اهو ته مشرف وٽ اُها اخلاقي ۽ سياسي اٿارٽي به ناهي جنهن جي ذريعي عوام ساڻس ان عمل ۾ شامل ٿئي. فوجي تاريخ اهو به ٻڌائي ٿي ته هر فوجي ڊڪٽيٽر نووار پيڪٽ جهڙو ڪم ڪرڻ چاهيندو آهي پر هندوستان انڪار ڪندو رهيو آهي. مشرف به انهن ئي جرنيلن مان هڪ آهي.

وڏي ڳالهه ته ڪشمير جي موجوده صورتحال سامهون آهي جنهن ۾ مشرف ڪارگل واري بحران جو معمار هو ۽ پاڪستاني سپاهه ۽ مسلح ڪشميرين پنهنجون جانيون ڏنيون ۽ مشرف جي لاءِ ليڊي ميڪ بيٿ جيان اهو ڏکيو ٿي پيو ته هو پنهنجي هٿن سان انهن بيگناهه مرندڙن جي خون جا نشان مٽائي سگهي.

هاڻ جڏهن مشرف 70 ڄڻن جو وفد وٺي آگري پهچندو ته هن سان گڏ پاڪستاني فوج جي ٽي هزار سپاهين جا روح به گڏ هوندا جن کي ڪارگل واري جنگ ۾ گجهي نموني دفن ڪيو ويو هو. هو اتي انهن مرندڙ سپاهين جا چهرا به ڏسي سگهندو جيڪي ان وقت ڪارگل جي برفاني چوٽين تي اُڃ ۽ بک وگهي تڙپي تڙپي مئا هئا. جڏهن پويان سپلائي لائن بند ٿي وئي هئي اتي آگري ۾ ڪيس انهن لاشن جا چهرا به نظر ايندا جن کي ان وقت هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. جڏهن آمريڪا پاڪستان کي حڪم ڪيو ته پاڪستان پنهنجي طور تي هڪدم فوج کي واپس گهرائي. ڇا مشرف ان تذليل کي معاوضي جي صورت ۾ اڄ کان پهريان انهن سپاهين کي ڪجهه ڏئي نه سگهيو!

ايتريون ساريون شهادتون آخر ڪهڙي مقصد تحت ٿيون؟ ڪارگل آپريشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آگري واري ڪانفرنس

ڪيترين ئي اميدن ۽ محبتن جي اظهار ڪانپوءِ نيٺ آخر اها "نالي ۾ نهال" تاريخي ڪانفرنس" پوري ٿي. ميڊيٽ ڪانسواءِ جنرل مشرف جو دؤري تي ڪاهي پوڻ واري عمل تي تنقيد ڪندڙن کي بہ اها اميد هئي تہ ڪنهن گڏيل اقرار نامي جو اعلان ڪيو ويندو پر اتي ڪو گڏيل بيان بہ جاري ٿي نہ سگهيو.

ڀارت ۾ موجود ڪجھ ماڻهو فوج کان مغلوب ٿيڻ تي پاڪستان جي سياستدانن تي الزام آڻين ٿا. سندن خيال آهي تہ هاڻ فوج سان معاملا ناهي هلڻ ۾ ئي بهتري آهي. انهن خود اها ڳالھ مڃيندڙ بي اختيار آرمي کي پنهنجي سانچي ۾ ويهاري ڇڏيو آهي. جنهن اها دعويٰ ڪئي آهي تہ جيڪڏهن هو ڊڪليئريشن تي صحيح ڪرڻ کي بهتر سمجهي ٿو تہ پوءِ ان کان تہ وڌيڪ بهتر اهو ٿيندو تہ هو ڀارت ۾ ئي پنهنجي اباڻي نهروالي رهائشگاھ ۾ ترسي پوي.

سويلين قيادت اسلام آباد، شملہ ۽ لاهور وارن جن معاهدي تي صحيحون ڪيون. اهي سڀئي معاهدا قابل تعظيم آهن. ڊپلوميسي امڪان پذير ٿيڻ جو فن آهي. سياسي ليڊر ڏيڻ واري معاملي جا ماهر ٿيندا آهن. جنرل مشرف هڪ فوجي آمر آهي. جڏهن هو ڳالهائڻ لڳي ٿو تہ پيا ڪيس پڌندي ئي دير نٿا ڪن. اڻ چونڊيل فرمانبردارن جي ميڙ ۾ قاتل جنرل مشرف سڻن ارادن جي اعلان جي باوجود هر وڏي امتحان ۾ مونجهاري جو شڪار ٿي وڃي ٿو. جهڙوڪ چونڊن لاءِ تاريخ جو اعلان، ماڻهن کي سياسي طور تي قربانيءَ جو پڪرو ناهڻ، معيشت جي بحالي ۽ هاڻي پرڏيهي پاليسي کي تربيت ڏيڻ وغيره.

اها ڳالھ بہ ڏاڍي عجيب آهي تہ جڏهن بہ ڀارتي نمائندا ڪا اهڙي گھرَ ڪن ٿا جنهن سان ڪنهن واعدي جي سچي هجڻ جو ثبوت ملي تہ ڀارتي حد تائين وات ڦاڙي رڙيون ڪيون وڃن ٿيون. وقت سدائين گهٽجندو رهيو ۽ وري پوءِ ان ۾ واڌارو ڪيو ويو. سڀ کان پهريان ٽيرن واري ٽيبل تي پريس جي ماڻهن سان ڳالھ ٻولھ ٿي تہ پوءِ وري ڳالهين جي ختم ٿيڻ ۾ ڪافي وقت لڳو. اجمير شريف جو دؤرو بہ رد ڪرڻو پيو. اسلام آباد ۾ ان وقت هڪ ڳڻتي جي لهر ڊوڙي جڏهن هندوستاني ميڊيا اهو راز فاش ڪيو تہ ڳالهيون ٻئي ڏينهن تائين جاري رهنديون. ڪانفرنس جي لاءِ ڪاغذن جي تياري مڪمل ٿي نہ سگهي. جڏهن تہ مانيءَ ۾ مزاج کي خوشگوار بڻائڻ لاءِ خاص جڙي ٻوٽيون استعمال ڪيون ويون پر اهي بہ ڪنهن ڪم نہ آيون.

هن دؤري ۾ جنرل مشرف ڪيتريون ئي غلطيون ڪيون. هو جائز سياسي طاقتن جي وچ ۾ اندروني اتفاق قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ويو. هو پاڪستان جي انتهاپسند پارٽين جي آسري تي ڀارت ويو. انهن پارٽين جا اڳواڻ دؤري تي وڃڻ کان اڳ ڪئميرا فليش جو مزو وٺندا رهيا. هن هڪ ناقابل اعتبار ٽيم تي ڀاڙيو، جڏهن تہ اها ٽيم پهريان بہ ڪيس ناڪام ڪري چڪي آهي. جيڪڏهن ڪيس ڪو سنو مشورو ڏنو وڃي ها تہ هو اتي هڪ ڏينهن وڌيڪ ترسي ها. تحمل سان ڀارت جي صبر جو موازنو ڪري ها. ٻئي کي ٽڪائي مارڻ دنيا جو ابتدائي ڊپلوميٽڪ گُرُ آهي. ان جي برعڪس هو ڪاوڙ ۾ اچي جلدي واپس هليو آيو.

اسلام آباد وارا هڪ واضح اقرار نامي جي خواهش ۾ مبتلا هئا ۽ نئين دهلي وارا سندن خواهش کان بخوبي واقف هئا. ان ڳالھ جو اعتراف وفد ۾ شامل هڪ همراھ "گلف نيوز" سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو تہ "مان جسونت سنگھ وٽ ويس ۽ هن کي چيم توهان جيڪو ڪجھ چاهيو ٿا لکي وٺو. اسان تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون." اها ڳالھ هڪ غير معمولي ڳالھ اهي. اها ڳالھ باعث حيرت ناهي تہ پرڏيهي وزير جسونت سنگھ ڳالهين جي لاءِ اجان هڪ ڏينهن وڌيڪ چاهي پيو تہ جيئن هو پنهنجي خواهشن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ جنرل جي شڪست

هلندڙ مهيني جي شروع ۾ پاڪستان جي فوجي ڊڪٽيٽر ريفرينڊم ذريعي پاڻ کي ملڪ جو صدر چونڊرائي پنهنجو عهدو برقرار رکڻ جو فيصلو ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن جي هڪ جج احتجاج ڪندي اهو چئي استعيفا ڏئي ڇڏي ته ريفرينڊم غير آئيني آهي. پاڪستان بار ايسوسيئيشن، پريس ۽ سياسي جماعتن به ان ريفرينڊم کي غير آئيني قرار ڏنو ۽ ريفرينڊم مهم هلائڻ لاءِ سرڪاري فنڊ مان پئسو خرچ ڪرڻ باوجود جنرل صاحب کي لاتعلق ماڻهن جي سرد مهريءَ کي منهن ڏيڻو پئجي ويو.

جنرل مشرف جي شخصي سياست سندس حامين ۽ مخالفن جي وچ ۾ جڻ واريءَ تي لڪير پائي ڇڏي آهي. جيڪڏهن هو آرمي جي وردي لاهي ٿو ڇڏي ته سندس حصي ۾ ووٽ به صرف سندس ذات جو ئي پلڙو پوي ٿو. عقل جي ڳالهه ته اها هئي ته پاڪستان جي مستقبل جي رخ جو تعين هڪ رياست جي طور تي ڪري ها، جنهن جو مقصد پنهنجي پاڙيسرين سان امن امان قائم رکڻ ۽ عوام جي خوشحالي هجڻ گهرجي ها!

ڪنهن به امڪاني جهيڙي جو احساس ڪندي اپوزيشن ريفرينڊم جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو. اپوزيشن مشرف کي چيو ته جيڪڏهن ووٽن جو ٽرن آئوٽ 50 سيڪڙو کان گهٽ اچي ته هو اقتدار سپريم ڪورٽ جي جسٽس جي حوالي ڪري ڇڏي پر جنرل اها ڳالهه رد ڪري ڇڏي. جنهن سان ان شڪ جي پڪ ٿئي ٿي ته بظاهر هن عوام جي سامهون ڪاميابي جو اعلان ته ڪري ڇڏيو آهي پر عوام تي ڪيس ڪو گهٽو اعتماد به ڪونهي.

هن ريفرينڊم پاڪستاني معاشري ۾ هڪ اهڙي وقت انتشار واري ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي، جڏهن دهشتگرديءَ جي خلاف بين الاقوامي مهم هڪ خطرناڪ ۽ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي. پاڪستان جي دل پنجاب ۾ القائده جا ڪارڪن ڪٿي لڪل آهن يا وري اتان ٿي پوءِ ڪنهن ٻي جاءِ تي ويا آهن. جنرل صاحب ڪيترن ئي مهينن تائين اها دعوي ڪندو رهيو ته پاڪ - افغان سرحد تي فوجي چوڪيون قائم ڪري انهن جي فرار ٿيڻ جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن.

آمريڪي ۽ برطانوي فوجي افغانستان جي پهاڙي علائقن ۾ ڳولا ڪري رهيا آهن ۽ گوريلا مزاحمت کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته هڪ بين الاقوامي فوجي ڪمانڊر پاڪستاني علائقن ۾ به ڳولا جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. ان سان گڏ وچ اوڀر به شعلن جي لپيٽ ۾ آهي ۽ پوري عالم اسلام جا مسلمان غم ۽ غصي جو اظهار ڪري رهيا آهن. واشنگٽن جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنجاهه هزار مسلمان بازارن ۾ نڪري فلسطيني علائقي ۾ اسرائيل جي قبضي خلاف احتجاج ڪيو آهي.

هندوستاني ۽ پاڪستاني فوجون سرحد تي پنهنجي توپن ۽ ميزائيلن جو هڪٻئي ڏانهن رخ ڪري بيٺا آهن. جيڪڏهن هن ڀيري پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ته پوءِ دنيا هڪ وڏي تباهي جو نظارو ڪندي.

جنرل مشرف شايد دعوي سان اهو چئي سگهي ٿو ته هن وقت بين الاقوامي طور تي ٿيندڙ حمايت جي ڪري هو اولهه جي لاءِ نهايت ضروري آهي پر جيڪڏهن هو ان نازڪ موقعي تي پاڪستاني معاشري ۾ موجود تضادن ۽ رجحانن کي ختم ڪري ٿو ته اهو هن لاءِ خوفناڪ قسم جو قدم ثابت ٿيندو. هن وقت پاڪستان جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومي ۽ صوبائي اسيمبليون معزول آهن. چونڊيل صدر کي بہ گهر موڪليو ويو آهي، آئين بہ معطل آهي، سياسي پارٽين کي پريشان ڪيو پيو وڃي. سياسي ليڊرن کي مملڪت جي سرپرستي ۾ غير فطري انصاف جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. سياسي اڳواڻن مٿان پابندي آهي. بس صرف انهن ماڻهن کي آزادي آهي. جيڪي آمريت جي حمايت ڪن ٿا.

پاڪستان ۾ اڄ بہ جمهوري ۽ انساني حقن جي صورتحال اها آهي جيڪا ويهہ سال اڳ جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ هئي. هن بہ پنهنجي آمريت کي تحفظ ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي اهميت کي آمريڪا جي لاءِ افغانستان ۾ استعمال ڪيو. هاڻ وري جنرل مشرف پاڪستان جي تحريري آئين جي خلاف ورزي ڪندي اعلان ڪيو آهي تہ هو 30 اپريل تي ريفرينڊم ڪرائيندو تہ جيئن بعد ۾ ٿيندڙ اليڪشن جي نتيجن کان قطع نظر سندس فوجي آمريت کي پنج سال وڌيڪ توسيع ملي سگهي.

مشرف جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ هو جمهوريت ۽ پاڪستاني عوام جي انساني حقن جي قرباني ڏئي ڪري رهيو آهي، جيڪڏهن اقتدار پاڪستاني عوام جي حوالي نہ ڪيو ويو تہ افغانستان جي تباهي سندس پاڙيسري ايٽمي طاقت (پاڪستان) لاءِ هڪ وڏي تباهي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

جيڪڏهن جنرل مشرف ملڪ جي جمهوري مستقبل جو حصو ٿيڻ چاهي ٿو تہ پوءِ کيس گهرجي تہ هو پنهنجو پاڻ کي آئين مطابق چونڊرائي.

پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۾ ريفرينڊم جي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي هلي رهي آهي. ڪورٽ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪري سگهي ٿي تہ ريفرينڊم هڪ توثيق تہ ٿي سگهي ٿو پر چونڊ نہ!

هڪ بصيرت ڀرئي جنرل کي علم هجڻ گهرجي تہ هٿيار ڪڏهن ۽ ڪٿي ڦٽا ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جو جنرل صاحب تہ پهريان ئي 1999ع ۾ بهار واري موسم ۾ ڪارگل جي پهاڙ تي پنهنجي طور هار کائي موٽيو آهي، جڏهن هندستان ۽ پاڪستان ويجهو اچي چڪا هئا. هن لاءِ هاڻ اهو موقعو آهي تہ پاڪستاني عوام جي راءِ جو احترام ڪندي هو هڪ ڏينهن ٻيهر هٿيار ڦٽا ڪري ۽ اقتدار عوام جي حوالي ڪري ڇڏي. ائين ڪرڻ سان هو اخلاقي فتح سان هم ڪنار بہ ٿي سگهندو ۽ تاريخ بہ کيس ياد رکندي. باقي هڪ ڪوڙي ريفرينڊم مان هن کي ڪجهہ بہ حاصل ٿي نہ سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊينئل پرل جو قتل

"وال اسٽريٽ جرنل" جي صحافي ڊينئل پرل جي قتل سان پاڪستان جي سياست ۾ هڪ خطرناڪ قسم جي مرحلي جو آغاز ٿيو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪشمير ۽ افغانستان مان هار کائي موٽندڙ جنگجو هاڻ پاڪستان ۾ پاڻ کي وري منظم ڪري رهيا آهن. ڪيترن ئي اهم ادارن، جاگرافيائي، تاريخي ۽ نظرياتي همدرديءَ جي ڪري جنگجوئن کي منظم ٿيڻ لاءِ اسلام آباد هڪ بهترين پناهه گاهه طور نظر اچي ٿي. اسلامي ويڙهاڪ پسندن ۾ اهڙا گروپ ۽ ماڻهو موجود آهن. جن افغانستان تي روسي قبضي دوران پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪيو هو. جيڪي هاڻ به هڪ سپر پاور کي شڪست ڏئي سگهن ٿا. روس جي خلاف جنگ دوران هنن جنگي نظم و ضبط ۽ جنگي ڪارروائين جو جيڪو تجربو حاصل ڪيو. ان جي ڪري هنن کي گوريلا جنگ وڙهڻ جو به زبردست تجربو حاصل ٿي چڪو آهي. انهن جنگجوئن جي ٽولن ۾ اعلي تعليم يافته، سائنسدان. اهو به ممڪن آهي ته هنن ۾ ايٽمي سائنسدان به هجن. پاڪستان جي اعليٰ يونيورسٽين جا گريجوئيٽ ۽ اولهه جي دنيا جي اعلي تعليمي ادارن جا پڙهيل لکيل ماڻهو به شامل آهن.

شيخ عمر جيڪو ڊينئل پرل جي اغوا ڪيس ۾ سڀ کان وڏو شڪي ملزم آهي. بنيادي ابتدائي تعليم جي لاءِ هڪ باوقار اداري ايچي سن ڪاليج لاهور ۾ داخل ٿيو. ان کانپوءِ هو لنڊن جي هڪ عظيم اداري "لنڊن اسڪول آف اڪانامڪس" ۾ داخل ٿيو. پر پوءِ هن جهاد جي لاءِ تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. هن جڏهن اهو تسليم ڪيو ته هن ڊينئل پرل کي اغوا ڪيو آهي ته ڄڻ هو موت سان منهن مقابل ٿيندو هجي. هن ايتري حد تائين به دعوي ڪئي ته هو پاڪستان کي آمريڪا جي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ جنگ ڪري رهيو آهي.

اهي اعليٰ تعليم يافته ويڙهاڪ، قانون جي نفاذ، فوجي ۽ انٽيليجنس جي پسمنظر کان به پليءَ پت واقف آهن. هنن غير مسلمانن جي لاءِ جيڪا جنگ شروع ڪئي آهي. ان ۾ اعلي قسم جي نواڻ (اسلحي جي لحاظ کان) شامل ڪري ڇڏي آهي! جيڪڏهن هارورڊ يونيورسٽي جو پروفيسر سيموئيل هنٽگن تهذيبن جي ٽڪراءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ويڙهاڪن جون ڪارروايون. مسلم ۽ غيرمسلم دنيا جي وچ ۾ تعلقاتن کي خوف. دهشت، ڪاوڙ ۽ مڪافات عمل جي پاداش جي ذريعي ٽوڙي مروڙي ڇڏڻ واري عمل ۾ تڪڙ ڪرڻ تي قادر آهن.

ڊينئل پرل جو سِرُ ڌڙ کان جدا ڪري ڏيکارڻ واري وڊيو ڪيسٽ ان وقت جاري ڪئي وئي، جڏهن مسلمان حضرت ابراهيم عليه السلام جي قربانيءَ جي ياد ملهائي رهيا هئا. حضرت ابراهيم عليه السلام جو اهو عمل الله تعاليٰ جي محبت جو مظهر هو. علامتي طور تي ڊينئل پرل کي انتهائي ڀيانڪ انداز ۾ قتل ڪيو ويو جيڪو ويڙهاڪن طرفان غيرمسلمانن خلاف عزم جو اظهار آهي. سندس زبان کان چورايو ويو ته هو يهودي آهي، هن جي ماءُ يهودي آهي. ان کانپوءِ ڪيس ذبح ڪيو ويو. ان مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس آمريڪي ۽ يهودي هجڻ جي ناتي قتل ڪيو ويو. اهڙي موقعي تي جڏهن مسلمان ان ڳالهه تي اصرار ڪندا ته ڪنهن فرد واحد جي ڪنيل قدم ۽ ڪنهن ڪميونٽي جي خلاف جذبن ۾ تميز ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. وري خوف ۽ دهشت واري عالم ۾ اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته اسلامي ويڙهاڪ پسندن جو هڪ مطلب اهو به آهي ته اهڙن مختلف مذهبي گروپن جي وچ ۾ جنگ ۽ نفرت پيدا ڪئي وڃي جيڪو اهل ڪتاب وارن جي وچ ۾ هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هاءِ جيڪنگ ۾ درپيش مشڪلاتون

ڪشميري مجاهدن ڊسمبر ۲۰۰۰ع ۾ کٽمنڊو کان ايندڙ هندوستاني جهاز کي ڪاميابي سان اغوا ڪيو. جهاز جي اغوا واري هائوڪي تاريخ ۾ اها هڪ ڪامياب ترين هاءِ جيڪنگ هئي. هاءِ جيڪنگ جو سلسلو تقريبن هڪ هفتي تائين هلندو رهيو ۽ ڪشميري مجاهدن هندوستان کي ان ڳالهه تي مجبور ڪيو ته هندوستاني جيلن ۾ قيد ڪشميري مجاهدن کي آزاد ڪيو وڃي.

۳۱ ڊسمبر ۱۹۹۹ع تي جڏهن سڄي دنيا صديءَ جون اختتامي تقريبون ملهائي رهي هئي ان وقت هندوستان بيزاري ۽ پريشان ڪن حال ۾ ڪشميري مجاهدن جي پيش ڪيل مطالبن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور هو. هن وٽ ٻيو ڪو رستو به نه هو. جيڪي ماڻهو جهاز ۾ سوار هئا، انهن جي وارثن هندوستاني حڪومت جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو. اندروني دٻاءُ ايترو ته وڏيڪ هو جو هندوستاني حڪومت کي پنهنجو سخت رويو تبديل ڪرڻو پئجي ويو. ڇو ته ان کان اڳ حڪومت هاءِ جيڪرن سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هئي.

يرغمالي پنهنجي گهرن ۾ پهچي ويا ۽ هاءِ جيڪر وري افغانستان جي پهاڙن ۾ گم ٿي ويا. جتي جهاز کي لاٿو ويو هو. ان هاءِ جيڪنگ پاڪستان ۽ هندوستان جي تعلقاتن تي جهڙوڪ پردو ڏئي ڇڏيو آهي. ٻنهي ملڪن هڪ دفعو ٻيهر هڪٻئي تي الزام لڳائڻ وارو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ خوشحالي لاءِ ڪو سٺو سنوڻ ناهي.

هاءِ جيڪنگ کان فورن پوءِ هندوستان ان جو ذميوار پاڪستان کي قرار ڏئي ڇڏيو آهي. هندوستان ته اها به دعويٰ ڪئي آهي ته هاءِ جيڪر اسلحي سميت پاڪستان جي قومي ايئر لائن جي ذريعي کٽمنڊو پهتا هئا ۽ ٽرانزٽ لائونج ۾ ڪنهن به جانچ پڙتال کانسواءِ هندوستاني جهاز ۾ وڃي سوار ٿيا. پر ان وقت جي ڪڏهن به تصديق ٿي نه سگهي هئي، ان جي ردعمل ۾ وري پاڪستان هندوستان تي اهو الزام مڙهيو ته هو هاءِ جيڪنگ مان سياسي فائدو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. هندستان جي طرفان دهشتگرديءَ جي سرپرستي ڪرڻ واري الزام جو جواب پاڪستان جلد ئي ڏئي ڇڏيو ۽ پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪندي هندوستان سان واپار کي معطل ڪري ڇڏيو. اها ڳالهه درست ناهي. هاڻ اهو وقت آهي ته ناراضگين کي گهٽايو وڃي. جهيڙي وڌائڻ مان ڇا حاصل. هاءِ جيڪنگ واري ڳالهه ته پراڻي ٿي وئي پر ان جا اثر هاڻ ظاهر ٿين لڳا اهن.

تازي ڏند ڇڪ مان صاف طور تي اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هندوستان جوابي ڪارروائي جي پوري پوري ڪوشش ڪندو، ڇو ته هاءِ جيڪنگ جي ڪري هو پهريان گهڻو بيعزت ٿي چڪو آهي. اها جوابي ڪارروائي ان صورت ۾ به ٿي سگهي ٿي ته پاڪستان کي هڪ دهشتگرد ملڪ قرار ڏيارڻ لاءِ هڪ نئين بين الاقوامي مهم شروع ڪرائي ڇڏجي.

هاءِ جيڪنگ وارو واقعو اهڙي موقعي تي پيش آيو آهي، جڏهن پاڪستان اڳ ئي خراب حالتن جي ور چڙهيل آهي، اڃان ته گذريل بهار واري موسم ۾ ڪارگل واري بحران جي اثرن کان به نڪري نه سگهيا آهيون. جڏهن ٻئي ملڪ جنگ جي ويجهو اچي چڪا هئا. پاڪستان جي نئين فوجي حڪمران ڏاڍي گرمجوشيءَ سان هندوستان ڏانهن دوستاڻي ماحول جا پيغام موڪليا هئا. ايستائين جو سرحدن تي موجود فوج کي به گهٽايو ويو پر هندوستان جي لاءِ اهو ڏکيو ڪم هو ته جنرل تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳائڻ خاطر جرئت مند ڪارروائين جي ضرورت آهي ۽ ايٽمي جنگ جي ڌمڪي بين الاقوامي برادريءَ کي ڪو قدم کڻڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿي. يقينن بين الاقوامي ميڊيا ۽ دنيا جا سياستدان هن وقت سجاڳ ٿي پوندا جڏهن بہ ڪا خطرناڪ صورتحال پيدا ٿي پوندي آهي. اندازو ڪريو تہ جڏهن ١٩٩٨ع ۾ هندوستان ۽ پاڪستان ايٽمي ڌماڪا ڪيا تہ ان وقت بہ ڪشمير بين الاقوامي ڌيان ڇڪايو هو. يا وري جي ٨ جي دلچسپيءَ جو اندازو لڳايو جڏهن ١٩٩٩ع ۾ ڪارگل ۾ جنگ شروع ٿي وئي هئي ۽ هاڻ وري ساڳي دلچسپي پيدا ٿي پئي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ دلچسپي گهٽ آهي، جڏهن هاءِ جيڪنگ جو واقعو ٿيو. پر اهو هڪ خطرناڪ دليل آهي ۽ ان کان بہ وڌيڪ خطرناڪ اهڙو رستو اختيار ڪرڻ آهي.

گذريل پنجاهہ سالن دوران بہ اهڙيون ئي ڪوششون ٿينديون رهيون آهن پر ٻنهي ملڪن جا اختلاف ختم ٿي نہ سگهيا آهن. ان جي برعڪس ١٩٧١ع ۾ پاڪستان ٻہ اڌ ٿي ويو هو ۽ ١٩٩٩ع ۾ ڪارگل کان موٽ واري ذلت برداشت ڪرڻي پئي. هندوستان ۽ پاڪستان کي وچ اوڀر کان سبق حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي. جتي ڳنڀير صورتحال کي ڳالهين ذريعي حل ڪيو پيو وڃي. شام ۽ اسرائيل جون هاڻوڪيون ڳالهيون ٻڌي برصغير جون اکيون کلڻ گهرجن.

هڪ فوجي حڪمران جيڪو اندروني مشڪل صورتحال جي ڄٻڻ ۾ ڦاٿل آهي ۽ جيڪو خاص قانون ۽ خاص عدالتن جي ذريعي اندروني دشمنيءَ جي ور چڙهيل آهي، ڇا هو امن تي ايترو ڌيان ڏئي سگهي ٿو؟ جيتري ضرورت آهي؟ ڇا هن وٽ ايتري پيش بيني آهي تہ هو صدر ڪلنٽن جي ڏکڻ ايشيا واري دوري کان فائدو حاصل ڪري ۽ پاڪستان هندوستان تعلقاتن جي بحالي کي ممڪن بڻائي سگهي. ان سوال جو جواب ڇا آهي، ڪنهن کي بہ ڄاڻ ڪونهي. شايد جنرل صاحب کي بہ نہ هجي. پر ان سوال جو جواب ٻن ايٽمي ملڪن جي خراب ٿيندڙ تعلقاتن جا نتيجا لڪل آهن، ٻئي ملڪ گذريل بهار واري موسم ۾ ايٽمي ٽڪراءَ جي ويجهو پهچي چڪا هئا ۽ گذريل مهيني پيش آيل هاءِجيڪنگ جو واقعو هڪ دفعو ٻيهر خطرناڪ ۽ نيوڪليئر مقابلي تائين پهچي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا، برآمد ڪرڻ وارا ۽ تيار ڪرڻ وارن ملڪن جي وچ ۾ هر سطح تي تعاون جي اهميت جو جائزو ورتو ويو آهي. تنازعن جي شڪار علائقن جي طرفان اهڙن هٿيارن جي سپلاءِ مؤثر طريقي سان روڪڻ لاءِ اهو عمل نهايت ئي اهم آهي.

اسٽيٽ ريگيوليٽري ڪنٽرول کان ٻاهر ننڍن هٿيارن ۽ جنگي اوزارن جي غيرقانوني ڦهلاءُ کي ختم ڪرڻ جي سلسلي ۾ شامل اسلحو تيار ڪرڻ وارن ملڪن خود بخود اهڙا قدم کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. مارڪنگ ۽ معلومات جي تبادلن جي ذريعن جي سراغ لڳائڻ جي حوالي سان ڪنهن بين الاقوامي قانوني وسيلي تي اتفاق راءِ ايندڙ سالن ۾ مشڪل ثابت ٿيندي، ان ڪري هٿيار تيار ڪندڙن کي پاڻمرادو ئي قدم کڻڻا پوندا.

سمال آرمز ڪنٽرول جي ميدان ۾ مارڪنگ ۽ ٽريسنگ اهڙا شعبا آهن جتي ڪمرشل ۽ حڪومت جي زير نگراني مال تيار ڪرڻ وارن ۽ ان سان گڏوگڏ حڪومتن کي پاڻ ۾ ملي ڪم ڪرڻ ۾ فائدو آهي، ان اهم قدم جي ڪاميابيءَ لاءِ ننڍا هٿيار تيار ڪرڻ وارن ۽ برآمد ڪرڻ وارن ملڪن جي حڪومتن جي طرفان "پيرس پراسيس" جي حمايت ڪنهن بہ اهميت کان خالي ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي هن چيو تہ هو وڏي برائي (هندستان) سان وڙهڻ جي لاءِ نندي برائي (آمريڪا) سان شامل ٿي رهيو آهي. پاڙيسري ملڪ افغانستان سان گڏ فرار ٿيندڙ القائده جي ڪارڪنن ۽ انهن پويان ويندڙ بين الاقوامي فورس جي ڪري صورتحال چڪتاڻ واري ٿي چڪي آهي، اپرندي سرحد وٽ جيڪا ڀارت سان ملي ٿي اتي بہ صورتحال خراب ٿي چڪي آهي، ڀارت پنهنجي فوج سرحد تي گڏ ڪري ڇڏي آهي ۽ مطالبو ڪري رهيو آهي تہ پاڪستان ڀارتي پارليامينٽ تي حملو ڪندڙ گهربل ماڻهو ڀارت جي حوالي ڪري.

جڏهن آمريڪا القائده جي مفرور ڪارڪنن جي تلاش جي لاءِ پاڪستان تي دٻاءُ وڌو تہ ڀارت سان اپرندي سرحد تي حالتون چڪتاڻ واري صورتحال اختيار ڪري ويون. ان موقعي تي پاڪستان اهو موقف اختيار ڪيو تہ سندس فوج پهريان ئي ڀارتي حملي جو دفاع ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ان ڪري هو مؤثر طريقي سان آمريڪا جي مدد نہ ڪري سگهندي. ان سان ڪشمير واري مسئلي کي نمايان ٿيڻ ۾ هٿو موقعو مليو. گذريل سال سياري جي مند ۾ آمريڪا اهو چاهيو پئي تہ پاڪستان افغانستان سان پنهنجون سرحدون سيل ڪري القائده جي مفرور ڪارڪنن کي پڪڙي. هوڏانهن ويڙهاڪ پسندن ڀارتي پارليامينٽ تي حملو ڪري ڪاميابي سان ان دٻاءُ کي گهٽايو. ايٽمي جنگ وارو ممڪن خطرو حقيقت بڻجي ويو ۽ بين الاقوامي ڪميونٽي ان خطري کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳي وئي.

گرمي جي موسم ايندي ئي آمريڪا پاڪستان تي دٻاءُ وڌو هو تہ اتر فرنٽيئر ۽ خطرناڪ قبائلي ماڻهن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي جيڪي القائده جي لاءِ همدردي وارو جذبو رکن ٿا. ڪراچي ۾ فائيو اسٽار هوٽل جي پرسان دهشتگرديءَ وارو حملو جنهن ۾ فرانسيسي ۽ ڪجھ ٻيا ماڻهو مري ويا، ان وڌندڙ دٻاءُ جو دهشتگردن جي طرفان جواب هو، جنهن شهر کي هڪ وڏي صدمي جي نظر ڪري ڇڏيو. ان کان ٿورو عرصو پوءِ ١٤ مئي تي والاريل ڪشمير ۾ هڪ ڌماڪو ٿيو، جنهن ۾ ٻار ۽ عورتون مري ويون. ان ڌماڪي سان پاڪستان ۽ هندوستان جي وچ ۾ جنگ جا امڪان وڌي ويا. پاڪستاني فوج هڪ دفعو ٻيهر هندوستان جي سامهون سندس مقابلو ڪرڻ جي لاءِ موجود هئي ۽ هوڏانهن وري بين الاقوامي ڪميونٽي جنگ جي خطري کي گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ۾ مصروف هئي. سياسي ميدان ۾ بہ اهو ئي طريقو واضح آهي. مثال طور جڏهن آگري ۾ سربراهہ ملاقات پاڪ – ڀارت ڳالهين جي دعوت ڏني رهي هئي ان وقت جنرل مشرف صدر تارڙ کي گهر پيڙو ڪرڻ ۽ صدارت تي قبضو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

فيبروري ۾ جڏهن جنرل مشرف آمريڪا وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ سندس ڏوري کان ڪجھ ڏينهن اڳ ڊينئل پرل کي اغوا ڪري قتل ڪيو ويو، جيڪڏهن ڪنهن کي شڪ آهي تہ فوجي آمر جمهوري نظام جو درست متبادل هو تہ ڪيس جائزو وٺڻ گهرجي تہ اغوا واري عمل کي ڪهڙي نہ مشڪوڪ طريقي سان ختم ڪيو ويو.

ان کانپوءِ فوجي آمر ريفرينڊم ڪرايو. اپوزيشن بائيڪاٽ جي ذريعي منفي ووٽ جي ڪال ڏني، جنهن جي ڪري ٩٥ سيڪڙو ماڻهو پولنگ بوٿ کان پري رهيا. هاڻ وري جنرل مشرف ملڪ جي طوائف الملوڪيءَ سان پريل گهٽين ۾ ٻارنهن سئو جي لڳ ڀڳ ويڙهاڪن کي آزاد ڪري ڇڏي ڏنو آهي، سندس چوڻ آهي تہ انهن ويڙهاڪن کي عدالت جي فيصلي کانسواءِ جيل ۾ بند رکڻ غلط آهي پر ان جي ابتڙ پنهنجي سياسي حريفن جن کي عدالت جي طرفان بي ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي. کي قيد رکڻ تي ڪوبہ شرم يا ندامت نٿي ٿئي. انهن ۾ ڪجھ ڇهن ڇهن سالن کان هڪ اهڙي ملڪ ۾ بغير ڪنهن ريليف جي قيد ۾ پيا آهن. جتي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي مذهبي جماعتن جي اشاري تي نچٽو پوي ٿو. فوجي ۽ سلامتي معاملن بابت حڪومت سان سندن خفيہ رابطا غير جمهوري معاشري ۾ ڪين ناجائز فائدو حاصل ڪرڻ جو ڀرپور موقعو مهيا ڪري ٿو.

هڪ خوبي جيڪا اسلام آباد جي فوجي حڪومت ۾ آهي ۽ جيڪا هيٺان ڪان مٿي تائين هڪ جهڙي آهي، اهو اهو تہ "ديڳڙي مان نڪري چلهہ ۾ ڪرڻ" وارو رجحان تمام گهٽو آهي. ٻاهرين طاقتن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي عوام جي باري ۾ هنن جو غيرلچڪدار رويي ڪين ملڪ جي اندر اعتماد کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. امن، جمهوريت، انساني حقن ۽ قانون ۽ انصاف واري حڪومت جهڙن قدرن کان انڪار، سول سوسائٽي کي کوکلو ڪري رهيو آهي. هيءَ هڪ اهڙي حڪومت آهي جيڪا تشدد جي پيداوار آهي، جيڪا تشدد پيدا ڪري رهي آهي ۽ بذات خود تشدد جو شڪار آهي ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ سندس انجام بہ تشدد جي هٿان ٿئي. جيڪو يقينن عبرتناڪ هوندو.

پاڪستان هڪ اهڙي حڪومت جو حقدار آهي جيڪا هن آمريتي نظام کان بهتر هجي. جيڪا اقتدار جي ڪري ٻاهرين قوتن جي نازبرداريءَ کان آجي هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظام تحت ئي حاصل ڪري سگھجي ٿو. ڪرپشن جي ناليءَ تي سياسي مخالفن کي رڳڙو لڳائڻ ۽ فوج جو پيٽ ڀرڻ جي لاءِ واپارين جو استحصال ڪرڻ، نهايت ئي تباهي واري پاليسي آهي. وفاق، جمهوريت غربت جي خاتمي جهڙن تصورن جو دنيا ۾ هميشہ ذڪر ڪيو ويو آهي. ڏاڍ ۽ اشتعال واري سياست هڪ طاقت کي ايٽمي هٿيارن ۽ ٻئي کي طالبان جو ڊپ ڏئي ان سياست مان خوف پيدا ڪري پنهنجي لاءِ حمايت حاصل ڪرڻ وارا مقصد پورا نٿا ڪري سگھجن. ڏک جي ڳالھ اها آهي تہ طالبان بہ هاڻ پاڪستان ۾ پنهنجي پراڻن دوستن مان بيزار ٿي ويا آهن، هو هاڻ ايران سان واپاري رستن ۽ متحده عرب امارات سان هوائي سفر جي امڪان جي تلاش ۾ آهن.

فوجي حڪومت مضبوطيءَ جا نوس بنياد قائم ڪرڻ لاءِ ڪن اصولن تي عمل ڪري صورتحال کي بهتر ڪري سگھي ٿي. خوف ۽ دهشت منفي قوتون آهن جن جا اثر اهڙا تہ خطرناڪ آهن جو جيڪي انهن کي ڦهلائڻ جو ڪم ڪن ٿا انهن کي پنهنجو شڪار ڪري وٺنديون آهن. جڏهن تہ گڏيل مفاد ۽ اجتماعي فائدن جي مثبت قدمن لاءِ ماڻهو ۽ قومون هڪٻئي جي ويجهو ايندا آهن اشتعال انگيزي واري سياست ترڪ ڪري پاڪستان امن ۽ خوشحالي حاصل ڪري سگھي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪار آهي ۽ هن جي روزاني آمدني هڪ ڊالر کان بہ گهٽ آهي،جڏهن تہ ٻہ ڊالر کان گهٽ آمدني وارن جو تعداد ڪروڙن ۾ آهي. ترقي يافتہ ملڪ پنهنجي اختلافن کي هڪ پاسي رکي متفق ويليو سسٽم تحت ڪم ڪندا آهن. جنهن ۾ ماڻهن جي خواهش، قانون جي بالادستي، انصاف ڀري اليڪشن، انصاف ڀرئي عدالتي نظام جو احترام شامل آهي. پاڪستان ۾ اهڙي قسم جي سوچ اڃان تائين اڀري نہ سگهي آهي. هتي ڪيترائي ماڻهو ڊانڊلي واري اليڪشن يا بي ايماني تي ٻڌل فيصلن کي ”قومي مفاد“ ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار وينا آهن. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ هتي قومي مفاد جو تعين اهڙا ماڻهو ڪندا آهن. جيڪي شڪست ۽ بدناميءَ جو طوق ڪٺي گهمندا آهن. 1971ع ۾ اوڀر پاڪستان ۾ ”قومي مفاد“ جي حوالي سان ڪهڙو حشر ڪيو ويو يا وري پوءِ 1979ع ۾ هڪ چونڊيل وزيراعظم کي ڦاهي ڏني وئي. 1987ع ۾ سياچن هٿ مان هليو ويو. 1999ع ۾ ڪارگل جي فتح شڪست ۾ بدلجي وئي. وري مستقبل کان بي پرواهہ ٿيندي طالبان جي سرپرستي ڪئي وئي. ائين ٿو لڳي تہ جڻ قومي مفاد تي عمل ڪرڻ اسٽيبلشمينٽ جو استحقاق آهي. تنهن جي ڪري بحث ڪرڻ جا سڀ دروازا بند ڪيا ويا آهن. پارليامينٽ معطل آهي ۽ جيڪي ماڻهو هن نام نهاد قومي مفاد کي چيلينج ڪن ٿا. انهن کي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. اهڙن ماڻهن کان ملڪي شهريت کسڻ جون تدبيرون ڪيون پيون وڃن، اهڙي قسم جي ناقابل برداشت پاليسيون. عدم تحمل ۽ عدم رواداري واري ڪلچر کي فروغ ڏئي رهيون آهن. هن ڪلچر کي چيلينج ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ پاڪستان پنهنجي پيرن تي بيهي سگهڻ جي صلاحيت کان محروم ٿي ويندو. جديد ڪاروباري نظام ۾ شاگردن کي اهو پڙهايو ويندو آهي تہ ”گراهڪ هميشہ حق تي هوندو آهي.“ اهڙي طرح نظام ۾ بہ اسان کي تسليم ڪرڻ گهرجي تہ ووٽر هميشہ حق تي هوندو آهي. جيڪي جرنيل ماڻهن جي راءِ شماري واري حق کي رد ڪن ٿا. اهي ملڪ لاءِ مسئلا پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا. ڏکڻ ايشيا ۾ امن قائم ٿيڻ سان اقتصادي ترقيءَ جا دروازا کلي سگهن ٿا. انساني ترقي هن خطي کي معاشي لحاظ کان خوشحال بڻائي سگهي ٿي. هن وقت پاڪستان دنيا جي اسٽريٽيجڪ حصي ۾ آهي ۽ ان ئي صورتحال مان فائدو وٺندي پنهنجي قسمت ٺاهي سگهي ٿو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جا جرنيل تباهي واريون پيشنگويون ڪندا آهن. 1996ع ۾ ڪجهہ جرنيلن چيو تہ عراق آمريڪا جي لاءِ ويٽنام ثابت ٿيندو. 1999ع ۾ ڪارگل واري معرڪي متعلق چيو ويو تہ اهو اسان جي عزت ۽ وقار جو سبب بڻجندو. هاڻوڪي افغان جنگ بابت اهو چيو ويو تہ طالبان آمريڪا کي سبق سيکاري ڇڏيندا. ان جي برعڪس سياسي ليڊرن جي اها ڳالهہ درست نڪتي تہ هڪ برتر فوجي قوت پاڻ کان ڪشمير قوت تي غالب رهندي. تڏهن ئي تہ 1990ع ۾ ڪويت تي قبضو، 1999ع ۾ ڪارگل جو معرڪو ۽ 2001ع ۾ افغان جنگ بابت جرنيلن جا سيئي انداز غلط نڪتا. تاريخ جو اهو سبق پنهنجي جاءِ تي بلڪل صحيح آهي تہ جنگ هڪ اهڙو سنجيده ڪاروبار آهي، جيڪو اڪيلي جرنيل لاءِ ڇڏي نٿو سگهجي.

پاڪستان جي لاءِ اولهہ جي حمايت يافتہ ۽ نوڪر شاهي جي حمايت يافتہ ڊڪٽيٽر جي وچ ۾ ڪو ٽيون آپشن بہ هجڻ گهرجي. 1979ع ۾ آيت الله خميني جي انقلاب جي ڪاميابي ۾ ٽئين آپشن واري فقدان اهم رول ادا ڪيو هو. پاڪستان جي عوام جي لاءِ سياسي استحڪام ۽ معاشي بحالي جي منزل ان وقت شروع ٿيندي، جڏهن جرنيل واپس پنهنجي بيرڪن ۾ هليا ويندا ۽ ان حقيقت کي تسليم ڪندا تہ ”ووٽر هميشہ حق تي هوندو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. بون ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو دارومدار ان ڳالھ تي بہ آهي تہ افغانستان جون پارٽيون اُن حقيقت کان واقفيت حاصل ڪن تہ افغانستان جي معاشري ۾ ترقي ۽ تعمير جي لاءِ اقتصادي تعاون جي بہ ضرورت آهي. ورلڊ بينڪ کان بہ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اها بہ ان سلسلي ۾ پنهجو ڪردار ادا ڪندي. ايڪويهين صدي ۾ عورتون اهم سياسي ڪردار جي طور تي اڀري رهيون آهن. انهن مان اها اميد ڪئي پئي وڃي تہ هو اڳتي اچي ٻارن جي سارسنڀال ۽ خاندان جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون. اها اميد پڻ ڪئي پئي وڃي تہ بين الاقوامي برادري افغانستان جي اقتصادي بحالي دؤران عورتن تي خاص ڌيان ڏيندي.

ڪجھ وقت اڳ پڙهيل لکيل ماڻهن غربت ۽ تضادن جي وچ ۾ رشتو ثابت ڪيو. هنن جو چوڻ هو تہ جيڪي ملڪ تضادن جو شڪار آهن، اصل ۾ اهي غريب آهن. هاڻ اهي دانشور وري هڪ اهم رشتو تلاش ڪري رهيا آهن. جيڪو عورتن جي حقن ۽ غربت جي وچ ۾ آهي. جيڪي ملڪ عورتن کي انهن جا حق ڏين ٿا، اهي ئي ملڪ غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ بهتر طريقي سان عمل ڪري سگهن ٿا ۽ اهي تعليم ۽ صحت جي سهولتن لاءِ پڻ سنا ذريعا پيدا ڪري سگهن ٿا. صحت ۽ تعليم تي خرچ ڪرڻ سان اهي ملڪ پنهنجي اقتصادي پيداوار وڌائي سگهن ٿا ۽ ملڪ مان ڪرپشن کي گهٽ ڪري سگهن ٿا.

هن وقت افغانستان ۾ عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ تمام وڏو فرق آهي، پاڪستان ۾ بہ عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ساڳيو فرق آهي. بهرحال بين الاقوامي برادري عورتن جي حقن تي ڌيان ڏيڻ سان اهو فرق ختم ڪرڻ چاهي ٿي.

گذريل صديءَ جي پوئين چوٿائي ۾ دنيا ۾ عورتن جي حالتن ۾ ڪجھ تبديلي واقع آئي آهي. پراڻن دقيانوسي خيالن جي•بدران هاڻ نوان معيار قائم ٿيندا پيا وڃن، اهي معيار عورتن جي شامهون اچي معاشري جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيا آهن پر اڃان بہ عورتن کي هڪ ڊگهو مفاصلو طئي ڪرڻو آهي. اڃان ترقي يافتہ ملڪن جهڙوڪ آمريڪا، اتي بہ عورتن جي آمدني مردن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. جڏهن تہ عورتون بہ مرد جيترو ئي ڪم ڪن ٿيون. عورتن وٽ ذريعا بہ آهن تہ پئسو بہ آهي. هاڻي بہ پارليامينٽ، تجارت، پروفيشنل ورڪ، بيوروڪريسي ۽ فوج وغيره ۾ بہ عورتن جي نمائندگي تمام گهٽ آهي. اڳتي هلي عورتن جي تعليم وڌڻ سان اها صورتحال اڃا بہ تبديل ٿي ويندي.

اقوام متحده طرفان عورتن جي بيجنگ واري ڪانفرنس اُن حوالي سان اهم قدم هو. سڄي دنيا هڪ جاءِ تي گڏ ٿي ۽ عورتن جي حقن متعلق ڪم ڪرڻ جو عزم ڪيو. پاڪستان بہ 1985ع واري اجلاس ۾ شامل هو ۽ پاڪستان تہ ان ڪنوينشن تي صحيحون بہ ڪيون، جنهن ۾ عورتن جي خلاف تعليمي ميدان ۾ تعصب ختم ڪرڻ جو عهد ڪيو ويو هو.

گذريل سال حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿيون، جيستائين طالبان اقتدار ۾ هئا تہ ان وقت تائين افغانستان جي عورتن جي بهتريءَ جي ڪابہ اميد نہ هئي پر ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٿيل حملي جي صورتحال کي هڪدم بدلائي ڇڏيو. چيو وڃي ٿو تہ هاڻ دنيا پهرين جيان ڪڏهن بہ نہ رهندي. ان موضوع تي ڪتاب ۽ رسالا شايع ٿي رهيا آهن پر پاڪستان ۽ افغانستان ۾ عوام کي خبر آهي تہ دنيا جي ان تبديليءَ جي حوالي سان هڪ اهم عنصر موجود آهي ۽ اهو عنصر آهي عورتن جي حقن ۽ ڪردار وارو جيڪو هو حاصل ڪري وٺنديون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افغانستان ۾ سڀ کان وڌيڪ تشدد جو شڪار عورتون ٿي رهيون آهن. ويهن سالن تائين هو جنگ ۽ موت جي منهن ۾ رهيون آهن. هنن جا مرد هڪ هڪ ڪري ماريا ويا آهن، عورتون جواني ۾ ئي بيواهه ٿي ويون آهن. اهڙيون جوان مائرون نه تہ ڪو ڪم ڪري سگهن ٿيون ۽ نہ وري ڪين گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي آزادي هئي پر ان جي باوجود بہ ڪين پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻو هو. هنن جون زندگيون عذاب ٻريون هيون پر پوءِ بہ هنن پنهنجي ٻچن جي خاطر سيني مصيبتن کي بهادري سان منهن ڏنو.

افغانستان جي عورتن جي جدوجهد، چئلينجن کي بهادري سان منهن ڏيڻ وارو داستان آهي، ڪيترين ئي مشڪلاتن جي باوجود بہ اهو نااميدي، تڪليف ۽ ڏک سور کي منهن ڏيڻ وارو داستان آهي.

امن واري ماحول ۾ رهڻ وارن کي اها خبر ئي نہ هوندي آهي تہ جنگ واري ماحول ۾ رهندڙ عورتن جي حالت ڇا هوندي آهي. امن واري فضا ۾ رهندڙ عورتون ان وقت تائين جنگ کي سمجهي نٿيون سگهن، جيستائين الله تعالي ڪانئن امن وارو انعام واپس نٿو وٺي. افغانستان جي عورتن جي جذبي کان گهڻو ڪجهہ سکي سگهجي ٿو پر سڀ کان وڏو سبق اهو آهي تہ هنن امن جي لاءِ سڀ ڪجهہ بهادري سان برداشت ڪيو آهي. امن ئي اسان کي انسان ٺاهي ٿو. جڏهن تہ جنگ جي حالت ۾ ماڻهو حيوان بڻجي ويندو آهي، ڪيترائي مهاجر انسانيت کان هيٺين سطح واري ڪئمپن ۾ زندگي گذارڻ لاءِ مجبور آهن. هنن جا ٻار بک وگهي مري رهيا آهن، افغانستان ۾ عورتن جي هالت تہ ويتر ئي خراب هئي. لاتعداد ڏکيون راتيون ۽ ڏکيا ڏينهن افغاني عورتن انتهائي گهٽ اميد سان گذاريا. هڪ پورو انساني نسل جنگ ۾ جوان ٿيو. هاڻ ان نسل کي اهو موقعو مليو آهي جيڪو سندن والدين کي نہ ملي سگهيو هو. هاڻوڪي نئين افغان حڪومت ۾ عورتن جي وزيرن جي عهدن تي تقرري ڪانپوءِ افغانستان هڪ اڳتي قدم ضرور وڌايو آهي ۽ هن موقعي تي سڄي دنيا جون عورتون هنن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪن ٿيون. هڪ عورت جي ڪاميابي سڀني عورتن جي ڪاميابي هوندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَڻَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمَ- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book